روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) اڱارو 09 مئي 2023ع بمطابق 18 شوال المڪرم 1444ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 343

سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر بل تي حڪم امتناع برقرار، ٻڌڻي 3 هفتن لاءِ ملتوي

عدالت سگھوري اٽارني جنرل کي اڄ تائين پارلياماني ڪارروائي جو رڪارڊ جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪري ڇڏي

جسٽس اعجازالاحسن، جسٽس منيب اختر، جسٽس مظاهر نقوي، جسٽس محمد علي مظهر، جسٽس عائشه ملڪ، جسٽس حسن اظهر رضوي ۽ جسٽس شاهد وحيد بينچ جو حصو رهيا

درخواست ۾ وفاقي حڪومت سپريم ڪورٽ جي سمورن ججز تي مڪمل اعتماد جو اظهار، سپريم ڪورٽ گذريل ٻڌڻي ۾ سمورين ڌرين کي لکت ۾ جواب جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪئي

اسان به درخواست ۾ فل ڪورٽ جي استدعا ڪئي آهي (ن ليگ جو وڪيل) اوهان جي درخواست کي اڃان تائين نمبر الاٽ نه ٿيو آهي: جسٽس اعجازالاحسن

ڇا اوهان دستاويز جمع ڪرائي ڇڏيا آهن؟ (چيف جسٽس جو اٽارني جنرل کان سوال) اميد آهي ته پارلياماني ڪارروائي جو رڪارڊ ملي ويندو: اٽارني جنرل

سپريم ڪورٽ جا رولز فل ڪورٽ جوڙي ڇڏيا هئا، سپريم ڪورٽ پريڪٽس رولز ۾ ترميم به فل ڪورٽ ئي ڪري سگهي ٿي: اٽارني جنرل منصور عثمان اعوان

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر بل بابت ڪيس جي ٻڌڻي 3 هفتن لاءِ ملتوي ڪئي وئي. عدالت سگھوري اٽارني جنرل کي سياڻي تائين پارلياماني ڪارروائي جو رڪارڊ جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪري ڇڏي. حڪم امتناع حتمي فيصلو تائين جاري رهندو چيف جسٽس عمر عطا بنديال جي سربراهي ۾ 8 رڪني بينچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي جنهن ۾ جسٽس اعجازالاحسن. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

سنڌ جيالن جو صوبو آهي، پيپلزپارٽي عوامي حقن جي جنگ ڪليل دل سان وڙهي آهي: مراد علي شاهه

پ پ هميشه عوام جي خدمت ڪئي آهي، مڪاني ادارن جي نندي چونڊ ۾ پ پ جي ڪاميابي عوام جي اعتماد جو اظهار آهي

ڪراچي جي روڊن، انڊر پاسن، فلائي اوورز، اسپتالن ۽ نيڪالي نظام کي پ پ اوليت جي بنياد تي تعمير ڪيو

پاڪستان پ پ آدمشماري تي عوام جي مفاد ۾ واضح موقف اختيار ڪيو، پ پ ڪراچي جي عوام جي حقن جي جنگ ڪليل دل سان وڙهي آهي

سنڌ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي جيالن جو صوبو آهي، ڪراچي جو ميئر پيپلزپارٽي جو ٿيندو، جيڪو هن شهر جي ڀرپور خدمت ڪندو

حيدرآباد، سکر، ميرپورخاص ۽ لاڙڪاڻي جا ميئر به پيپلزپارٽي جا ميمبر هوندا، سنڌ جي سمورن ضلعي ڪائونسلن جا چيئرمين به شهيد محترمه بينظير ڀٽو جا جيالا ٿيندا

ڪراچي ۾ امن امان جي بحالي لاءِ پيپلزپارٽي وڏا قدم کنيا، جنهن سبب شهر امن جو گهر بڻجي ويو آهي، ڪراچي جي عوام جا ٿورائتا آهن جن اعتماد ڪري کيس وڌيڪ خدمت ڪرڻ جو اختيار ڏنو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه چيو آهي ته مڪاني ادارن جي نندي چونڊ ۾ پ پ جي ڪاميابي عوام جي اعتماد جو اظهار آهي. مڪاني ادارن جي نندي چونڊ ۾ پيپلزپارٽي جي ڪاميابي تي وڏي وزير مراد علي شاهه شڪر جو اظهار ڪندي آصف علي زرداري، بلاول ڀٽو زرداري ۽ جيالن کي مبارڪ ڏني. وڏي وزير مراد علي شاهه چيو ته پ پ هميشه عوام جي خدمت ڪئي آهي، مڪاني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ڪراچي: سنڌ جو وڏو وزير مراد علي شاهه (فائيل فوٽو)

انٽيليجنس ادارا ججز جي مقرري کي ڪيئن ڪنٽرول ڪري سگهن ٿا: جسٽس اطهر من الله

پارلياماني ڪميٽي پيشوارانه صلاحيت بجاءِ انٽيليجنس رپورٽ جي روشني ۾ فيصلو ڪيو

عدالت معاملي جو قانوني حيثيت سان جائزو وٺندي ڇا پارلياماني ڪميٽي جوڊيشل ڪميشن جي سفارشن کي رد ڪري سگهي ٿي؟ چيف جسٽس عمر عطا بنديال

سپريم ڪورٽ اينڊز ٻڌڻي تي معاونت لاءِ اٽارني جنرل کي طلب ڪري ورتو، 3 رڪني بينچ ٻڌڻي هڪ مهيني لاءِ ملتوي ڪري ڇڏي

اسلام آباد (م ڊ) پارلياماني ڪميٽي ذريعي ججز جي مقرري جو معاملو سپريم ڪورٽ تائين پهچي ويو طارق آفريدي کي پشاور هاءِ ڪورٽ جو ايڊيشنل جج مقرر نه ڪرڻ جي درخواست تي ٻڌڻي تي. وڪيل حامد خان دليل ڏيندي چيو ته جوڊيشل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

لاهور هاءِ ڪورٽ پاران پنجاب حڪومت کان عمران خان خلاف سمورن ڪيسز جا تفصيل طلب

جسٽس علي باقر نجفي 121 ڪيسن ۾ ڪارروائي کان روڪڻ جي درخواست تي ٻڌڻي ڪئي

عدالتي حڪم تي جي آءِ ٽي کي عمران خان تائين پهچ ڏني وئي: پي ٽي آءِ سربراهه وڪيل

لاهور (م ڊ) لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ 121 ڪيسن جي ڪارروائي روڪڻ بابت عمران خان جي درخواست تي ٻڌڻي ٿي. عدالت 10 مئي تائين پنجاب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

حڪومت سپريم ڪورٽ بل تي پارلياماني ڪارروائي جو رڪارڊ نه ڏيڻ جو فيصلو ڪري ورتو

اٽارني جنرل آفيس طرفان پارلياماني ڪارروائي لاءِ گهربل رڪارڊ جي لاءِ اسپيڪر آفيس کي خط لکيو ويو

پارلياماني ڪارروائي جي رڪارڊ جو اسيمبلي جو اسپيڪر ڪسٽوڊين آهي: حڪومتي ذريعا

اسلام آباد(م ڊ) عدالت سگھوري طرفان طلب ڪرڻ تي حڪومت سپريم ڪورٽ بل تي پارلياماني ڪارروائي جو رڪارڊ عدالت کي نه ڏيڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. ذريعن موجب سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ 2023 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ڪراچي: بئريسٽر مرتضيٰ وهاب سنڌ اسيمبلي جي ميڊيا ڪارنر تي صحافين سان ڳالهائي رهيو آهي

حڪومت طرفان آخري بجيٽ ۾ عوام کي ڀرپور رليف ڏيڻ جو منصوبو

ناڻي واري وفاقي وزير اسحاق ڊار جون جي پهرين هفتي ۾ قومي اسيمبلي ۾ بجيٽ پيش ڪرڻ جو پلان جوڙيو

وفاقي حڪومت آخري بجيٽ ۾ عوام کي ڀرپور رليف ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي: ذريعا

پيٽرول ۽ ڊيزل سستو ڪرڻ جو امڪان آهي، حتمي فيصلو وزيراعظم اتحادي جماعتن سان مشاورت کانپوءِ ڪندو

اسلام آباد(م ڊ) سڄي ملڪ ۾ امڪاني طور چونڊن کان اڳ وفاقي حڪومت عوام کي وڏو رليف ڏيڻ جو منصوبو جوڙي ورتو ناڻي واري وفاقي وزير اسحاق ڊار جون جي پهرين هفتي ۾ قومي اسيمبلي ۾ بجيٽ پيش ڪرڻ جو پلان جوڙيو آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

سنڌ ۾ نائين ڌهين جا امتحان شروع، ڦوٽو اسٽيٽ تي ڪاپي جي ڌم متل

ڪراچي، حيدرآباد، سکر، لاڙڪاڻي، نوابشاهه ۽ ميرپورخاص جي شهرن ۾ ميٽرڪ جا امتحان شروع ٿي ويا

امتحانن دوران ڪاپي جي ڌم متل آهي، جڏهن ته مختلف هنڌن تي پيپر آئوٽ ٿي ويو: ذريعا

مختلف شهرن ۾ امتحاني پيپر شروع ٿيڻ کان اڳ ڦوٽو اسٽيٽ تي ڪاپي جي صورت ۾ موجود رهيو

ڪراچي (م ڊ) سنڌ ۾ نائين ڌهين ڪلاس جا امتحان شروع ٿي ويا آهن ڪراچي، حيدرآباد، سکر، لاڙڪاڻي، نوابشاهه ۽ ميرپورخاص جي شهرن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

شاگردياڻيون نائين ڪلاس جا امتحان ڏينديون

آڊيوليڪ: ثاقب نثار کي پٽ سميت خصوصي ڪميٽي ۾ طلب ڪرڻ جو فيصلو

ثاقب نثار کي پنهنجو دفاع يا موقف رکڻ جو پورو موقعو ڏينداسين: اسلم ڀوتاڻي

ڪميٽي جو پهريون اجلاس 9 مئي تي پارليامينٽ هائوس ۾ ٿيندو

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ جي اڳوڻي چيف جسٽس ثاقب نثار جي پٽ نجم ثاقب جي آڊيوليڪ جي جاچ لاءِ اڳوڻي چيف جسٽس ۽ سندس پٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

نوازشريف کي تاحيات نااهل ڪندڙن کي چوڪن تي لٽڪايو وڃي: جاويد لطيف

جيڪي ڪردار بي نقاب ٿي رهيا آهن يا اهي جيڪي تڪيتون ورهائي سهولتڪاري ڪري رهيا آهن

سهولتڪاري ڪندڙ ڪردارن کي ڪليل ڇڏيو ويو ته وڌيڪ نقصان ٿيندو، پاڪستان ۾ ٿيندڙ سازشن سان مخالف طاقتن کي فائدو پهچايو ويو

ڇا آئين ان ڳالهه جي اجازت ڏئي ٿو ته پاڪستان دنيا ۾ بدنام ٿئي؟ معيشت جو ٻيڙو ٻوڙيو وڃي: پريس ڪانفرنس

لاهور (م ڊ) مسلم ليگ(ن) جي اڳواڻ ۽ وفاقي وزير جاويد لطيف چيو آهي ته نوازشريف جڏهن پاڪستان ۾ هوندو تڏهن چونڊون ٿينديون. جن ڪردارن 2017 ۾ نواز شريف کي تاحيات نااهل ڪيو هو انهن کي بي نقاب ڪري چوڪن تي لٽڪايو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

لاهور: مسلم ليگ(ن) اڳواڻ ۽ وفاقي وزير جاويد لطيف پريس ڪانفرنس ڪندي

سون سوين رپيا مهانگو، قيمت تاريخ جي بلند ترين سطح تي پهچي ويو

ڪراچي (م ڊ) ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ واڌ جو سلسلو جاري آهي آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب ملڪ ۾ في تولي 1400 رپيا مهانگو ٿيو آهي. جنهن بعد ملڪ ۾ سون جو في تولو قيمت 2 لک 27 هزار 900 رپيا تي رڪجي آهي. جيڪا پاڪستان ۾ هيل تائين سون جي بلند ترين قيمت آهي. اهڙي ريت ڏهه گرام سون 1200 رپيا مهانگو ٿيڻ کانپوءِ هڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

سنڌ بروهي اتحاد جو ورڪر اجلاس مرڪزي صدر مير محمد عالم بروهي جي صدارت هيٺ ٿي گذريو

سڄي سنڌ مان ڊويزنل، ضلعن، تعلقن، سٽيزن مان تنظيمي عهديدارن ورڪرن وڏي انگ ۾ شرڪت

سوشل ميڊيا تي هڪ طوفان ڪڙو ڪندي جنرل باڊي جي اجلاس کي روڪڻ لاءِ ڪوڙيون خبرون هلايون ويون: اڳواڻ

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌ بروهي اتحاد جو مرڪزي جنرل ورڪر اجلاس مرڪزي صدر مير محمد عالم بروهي جي زيرصدارت هيٺ حيدرآباد ۾ ڪرسٽل ماڊل ٽائون بروهي هائوس ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ مرڪزي جنرل سيڪريٽري ميرمظفرخان بروهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

بلاول ڀٽو ڀارت ۾ جيڪو ڪجهه چيو اهو پاڪستان جو موقف آهي: يوسف رضا گيلاني

بلدياتي چونڊن ۾ ڪاميابي تي اميدوارن کي مبارڪباد ڏيان ٿو، عمران خان جي ٽن ملاقاتن باوجود منهنجو پٽ ڪيئن ڪامياب ٿيو

سياسي استحڪام کانپوءِ عوام کي رليف ملندو، سياسي استحڪام کانپوءِ ئي معاشي استحڪام ايندو

ملڪ جي سياسي تاريخ ۾ اتفاق راءِ سان وزيراعظم بڻيو آهي، اسان ارڙهين ترميم کي تسليم ڪيو

ڪراچي (مانيٽرنگ ڊيسڪ)اڳوڻي وزيراعظم يوسف رضا گيلاني چيو آهي ته بلاول ڀٽو ڀارت ۾ جيڪو ڪجهه چيو اهو پاڪستان جو موقف آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

شبيران چنا جو علاج سرڪاري خرچ تي ڪرائڻ جو اعلان

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير مشهور اداڪارا شبيران چنا جو علاج سرڪاري خرچ تي ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. جاري ڪيل بيان ۾ ٻڌايو ويو آهي ته وڏي وزير چيو ته شبيران چنا بهترين اداڪارا آهي ۽ سندس علاج تي جيڪو به خرچ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

موسميات کاتي سنڌ ۾ اڄ کان گرمي وڌڻ جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي

ڪراچي ۾ به 3 ڏينهن تائين گرمي پد 36 کان 38 ڊگري رهڻ جي اڳڪٿي ڪئي وئي

اپريل ۾ ڏينهن ۽ رات جو گرمي پد معمول کان 0.26 گهٽ رهيو

ڪراچي (م ڊ) موسميات کاتي سنڌ ۾ اڄ کان گرمي وڌڻ جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي آهي ڪجهه علائقن ۾ گرمي پد 44 ڊگري تائين وڃڻ جو امڪان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

جلد روس کان سستو تيل پاڪستان اچڻ وارو آهي: احسن اقبال

آءِ ايم ايف جو معاهدو حتمي مرحلي ۾ داخل ٿي چڪو آهي

عمران خان چين جي پرڏيهي وزير جي دوري تي احتجاجي مظاهرن جو اعلان ڪيو آهي

ناروول (م ڊ) رٿابندي بابت وفاقي وزير احسن اقبال چيو آهي ته جلد روس کان سستو تيل پاڪستان اچڻ وارو آهي. يونيورسٽي آف ناروال ۾ صحافين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ممبئي: راجستان ۾ ڪري تباهه ٿيل جهاز جو ملبو واقعي واري هنڌ پيل نظر اچي رهيو آهي

مان به پيرا قاتلاڻن حملن جو نشانو بڻيس: عمران خان

ڇا مون کي پاڪستاني طور قاتلاڻي حملي جي ذميوارن کي نامزد ڪرڻ جو حق آهي؟

مون کي ڪيس داخل ڪرڻ جي آئيني ۽ قانوني حق کان ڇو محروم ڪيو ويو؟

لاهور (م ڊ) تحريڪ انصاف جيئرمين عمران خان وزيراعظم شهباز شريف کان ڪجهه سوال ڪيا آهن. پنهنجي ٽوئيٽ ۾ عمران خان چيو ته مان به پيرا قاتلاڻن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

اسڪول جي ٻارڙن تي ماکي جي مکين جو حملو، 16 زخمي

صدر ۾ اسڪول جي ٻارڙن تي ماکي جي مکين حملو ڪري ڏنو

ريسڪيو ٽيمن متاثر ٻارڙن کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو

راولپنڊي (م ڊ) راولپنڊي ۾ ماکي جي مکين جي حملي ۾ 16 ٻارڙيون زخمي ٿي پيون. ٻارڙين جي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو نجي ٽي وي موجب راولپنڊي ۾ ڪانوائي روڊ صدر ۾ اسڪول جي ٻارڙن تي ماکي جي مکين حملو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

اسلام آباد: اين ڊي ايم اي جيئرمين ليفٽيننٽ جنرل انعام حيدر جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس جو ڏيک

گورنر سنڌ گورنر گهنٽي ٽنگي مغل بادشاهه جهانگير جي ياد ڏياري ڇڏي

باضابطا افتتاح اربع 10 مئي تي 3 وڳي ميڊيا جي موجودگي ۾ ٿيندو: ڪامران ٽيسوري

شڪايتون ۽ مسئلا کڻي ايندڙن لاءِ گيٽ تي اطلاعي گهنٽي لڳائي وئي آهي

ڪرچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري عوام جون شڪايتون ٻڌڻ لاءِ گورنر هائوس ٻاهران گهنٽي ٽنگي مغل بادشاهه جهانگيرجي ياد ڏياري ڇڏي جنهن 17هين صدي ۾ محل کان ٻاهر انصاف جي گهنٽي لڳائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

1st annual
NATIONAL
SOCIAL PROTECT
CONFERENCE
اسلام آباد: وفاقي وزير شازيه مري تقريب کي خطاب ڪري رهي آهي


NHSD
NETWORK FOR HUMAN & SOCIAL DEVELOPMENT
CORPORATE, HUMANITARIAN AND STRATEGIC
ACHIEVEMENTS DISTRIBUTION CEREMONY
اسلام آباد: صدر ڊاڪٽر عارف علوي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي جسٽس مظاهر جي آمدني ۽ اثاثن جا تفصيل 15 ڏينهن ۾ طلب ڪري ورتا

اسلام آباد (م ڊ) پارليامينٽ جي پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي(پي اي سي) سپريم ڪورٽ جي جسٽس مظاهر نقوي جي آمدني ۽ اثاثن جا تفصيل 15 ڏينهن ۾ طلب ڪري ورتا. چيئرمين نورعالم خان جي صدارت هيٺ پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ ڪميٽي جي 14 مان 13 ميمبرن جسٽس مظاهر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

پي ٽي آءِ ڀارت ۽ اسرائيل کان فنڊنگ وٺندي آهي: شرجيل ميمڻ

ڪراچي ۾ تمام گهڻا ترقياتي ڪم ٿي رهيا آهن، پليون ۽ انڊر پاسز ٺهي رهيا آهن، ڪچرو کڻيو پيو وڃي

بلاول ڀٽو زرداري ڪشمير سميت سمجهوتا ايڪسپريس دهشتگردي تي پاڪستان جو سگهارو موقف پيش ڪيو

توشه خانا ڪيس ۾ نيب عمران خان ۽ سندس گهرواري کي نوٽيس جاري ڪيا آهن

عمران خان چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي دوري ۽ ڀارت جي فنڊنگ تي تنقيد ڪئي: پريس ڪانفرنس

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ اڄ آرڪائيوزڪمپليڪس ڪلفٽن ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته گذريل ڏينهن سڄي صوبي ۾ مڪاني ادارن جي چونڊن جو مرحلو شفاف طريقي سان مڪمل ٿيو ڪوب هاڻ وٺندڙ واقعو پيش نه آيو .هن چيو ته پوليس ۽ قانون لاڳوڪندڙ ادارن جا اهلڪارديوٽي تي موجود /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ڪراچي: سنڌسماءَ وارو صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ پريس ڪانفرنس ڪندي

فرح گوگي جي ليگل ٽيم ايف آءِ اي ۽ انٽرپول کي قانوني نوٽيس اماڻي ڇڏيو

لاهور(م ڊ) اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي گهرواري بشريٰ بي بي جي ويجهي دوست فرح گوگي جي ليگل ٽيم ايف آءِ اي ۽ انٽرپول کي قانوني نوٽيس اماڻي ڇڏيو فرح گوگي جي ليگل ٽيم موجب فرح گوگي خلاف ڪيل ڪارروائي سياسي بنيادن تي آهي سندس خلاف داخل ڪيس ايف آءِ اي جي اختيار کان ٻاهر آهن. فرح گوگي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

پ پ کي عوام جي خدمت جو انعام مليو آهي: مرتضيٰ وهاب

ڪراچي جي عوام ناڪاري ۽ ورڇ جي سياست کي رد ڪري ڇڏيو

ڪراچي وارن ڏنو بلاول ڀٽو زرداري جيڪو واعدو ڪيو ان کي وفا ڪيو

ڪراچي جي ميئر ٿيڻ جو پهريون حق پيپلز پارٽي جو آهي: ميڊيا سان ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ بلدياتي چونڊن بابت بلاول ڀٽو جي اڳڪٿي درست ثابت ٿي وئي، پ پ کي عوام جي خدمت جو انعام مليو آهي. ڪراچي جي ترقي لاءِ سمورن اسٽيڪ هولڊرز کي شهر جي چارٽر تي متفق ٿيڻو پوندو هو ڪالهه سومر ڏينهن سنڌ اسيمبلي جي ميڊيا ڪارنر ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب وڌيڪ چيو ته مان ڪراچي جي باشعور عوام جو شڪريو ادا ڪرڻ چاهيان ٿو ڪراچي جي عوام ناڪاري ۽ ورڇ جي سياست کي رد ڪري ڇڏيو عوام بلاول ڀٽو جي ترقي ۽ بهتري جي بيانيي کي اپنايو ۽ پيپلز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

پيپلزپارٽي جو ميئر ئي شهرين جي مسئلن جو حل آهي: ناصر شاهه

پيپلزپارٽي جي اميدوارن جي ڪاميابي بلاول ڀٽو ۽ ان جي ويزن تي ڪراچي جي عوام جي اعتماد جو مظهر آهي

چيئرمين بلاول ڀٽو جي ويزن موجب مڪاني ادارن ذريعي عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا پيا وڃن

آفيسن ۾ ايندڙ ماڻهن سان سٺي سلوڪ ۽ مسڪراهٽ سان مسئلا حل ڪن ۽ ايندڙ ماڻهن جا مسئلا حل ڪيا وڃن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي مڪاني ادارن واري صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو آهي ته ضمني چونڊن ۾ پيپلزپارٽي جي اميدوارن جي ڪاميابي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

صوبائي وزير سيد ناصر شاهه (فائيل فوٽو)

سمورا ضلعي چيئرمين جيالا هوندا: بلاول ڀٽو

ڪراچي کان ڪشمور تائين عوام پي پي تي اعتماد ظاهر ڪيو

ڪاميابي عوام جي اعتماد، اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي قربانين ۽ جيالن جي محنت جو ثمر آهي

ڪراچي (رپورٽر) پي پي چيئرمين بلاول ڀٽو ضمني مڪاني اليڪشن ۾ پارٽي جي ڪامياب ٿيڻ تي ٿورا مڃيندي چيو آهي ته ڪراچي ۽ حيدرآباد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

جماعت اسلامي کي ٻڌائڻ چاهيون ٿا ته آمر پرويز مشرف جو اهو زمانو گذري چڪو آهي: نثار کهڙو

عوام فاشزم، ڪوڙ ۽ الزام تراشي ۽ ڌرڙن جي سياست کي رد ڪري ڇڏيو

حافظ نعيم الرحمٰن صاحب! تعصب پرست نه بڻجو ۽ مذهب ۽ زبان کي تعصب ۾ نه آڻيو

پيپلز پارٽي کي جاگيردارن جي جماعت چوندڙن کي ٻڌائڻ چاهيون ٿا ته چوڻ لاءِ گهڻو ڪجهه اسان وٽ به آهي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلزپارٽي سنڌ جي صدر ۽ سينيٽر نثار کهڙو چيو آهي ته ڪراچي، جي عوام فاشزم، ڪوڙ ۽ الزام تراشي ۽ ڌرڙن جي سياست کي رد ڪري ڇڏيو آهي. مڪاني چونڊن ۾ پيپلز پارٽي تي ڌانڌلي جا الزام لڳائڻ واري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: پيپلز پارٽي سنڌ جو صدر ۽ سينيٽر نثار کهڙو ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

پگهارون نه وڌڻ تي ايف بي آر جي 100 کان وڌيڪ آفيسرن موڪلن جي درخواست ڏئي ڇڏي

اسلام آباد (م ڊ) پگهارون نه وڌڻ تي فيڊرل بورڊ آف ريوينيو (ايف بي آر) جي 100 کان وڌيڪ آفيسرن موڪلن جي درخواست ڏئي ڇڏي آهي. ايف بي آر ان لينڊ روينيو ۾ گريڊ 18.19. 17 جي آفيسرن اڄ کان 30 جون تائين موڪلن جي درخواست ڏئي ڇڏي آهي. ايف بي آر ملازمن جو چوڻ آهي ته 150 سيڪڙو ايگزيڪٽو الائونس ۽ پگهارون نه وڌايون وڃڻ ته وڌيڪ سخت رد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

سنڌ پوليس ۾ ڀرتين دوران جعلي ڊوميسائيل استعمال ڪرڻ جو انڪشاف

اسپيشل سيڪيورٽي يونٽ جي ڊي ايس پي 7 اميدورن جي خلاف ڪيس داخل ڪرائي ڇڏيو

ڪيس ۾ فراڊ تحت جعلسازي ڪرڻ جا قلم شامل، ڪيس ۾ اميدوارن جو سمورو تفصيل داخل ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ پوليس ۾ ڀرتين دوران جعلي ڊوميسائيل استعمال ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو آهي جنهن جي خلاف وڏو ايڪشن ورتو ويو آهي اسپيشل سيڪيورٽي يونٽ جي ڊي ايس پي 7 اميدورن جي خلاف ڪيس داخل ڪرائي ڇڏيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڊاڪٽر عاصم جي نيب ڪورٽ جي فيصلي خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ اپيل داخل

احتساب عدالت نيب ترميمي ايڪٽ باوجود ڊاڪٽر عاصم جي بريت جي درخواست رد ڪري ڇڏي

احتساب عدالت پنهنجي حڪم ۾ بريت جي درخواست رد ڪرڻ جا سبب نه لکيا: وڪيل

اهو به نه ٻڌايو ويو ته ڊاڪٽر عاصم خلاف ريفرنس تي نيب ترميمي ايڪٽ ڇو لاڳو ناهي

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلزپارٽي جي اڳواڻ ڊاڪٽر عاصم حسين نيب ڪورٽ جي فيصلي خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ڀارتي مگ 21 جنگي جهاز راجستان ۾ ڪري تباهه

ڪري تباهه ٿيل فوجي جهاز جو پائليٽ محفوظ رهيو

جهاز ڪري تباهه ٿيڻ سبب زمين تي موجود 2 شهري مارجي ويا

ممبئي (مانيٽرنگ ڊيسڪ)هندستاني هوائي فوج جو MiG_21 جنگي جهاز راجستان ۾ ڪري تباهه ٿي ويو آهي.ڀارتي ميڊيا موجب مگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

نائين ڌهين جي امتحانن جا سينٽر اوچتو تبديل، شاگرد دربدر ٿي ويا

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي ۾ نائين ۽ ڌهين درجي جي سالياني امتحانن جي شروعات اڄ کان ٿي چڪي آهي. امتحان شروع ٿيڻ کان اڳ بدنظمي نظر آئي جتي اڪثر امتحاني مرڪز اوچتو تبديل ٿيڻ سبب شاگرد دربدر ٿي ويا. ذريعن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

مليرگڏاپ ٽائون زڪرياگوٺ ۾ گلشن مهراڻ ڪرڪيٽ ڪلب پاران ٽورنامينٽ جو اهتمام

زيڊ ايم مارڪيٽنگ جي طرفان ڪراچي جي بهترين ٽيمن تي مشتمل ٽورنامينٽ جو اهتمام ڪيو ويو

ٽورنامينٽ ۾ نالي واري ڪرڪيٽر دائود پناڻ بهار ليفٽي عبيد ليفٽي ۽ معيز براو پنهنجي بهترين راند جو مظاهرو ڪيو

کٽيندڙ ٽيم ۾ ڪيش انعام سان نوازيو، چودهري ابرهاشم نويد شڪيل بازي بائي سمير ۽ بابر راجپوت شرڪت ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) مليرگڏاپ ٽائون زڪريا گوٺ ۾ گلشن مهراڻ ڪرڪيٽ ڪلب ٽورنامينٽ جي آرگنائيزر نويد بشير ۽ زير تعاون راجپوت انٽرپرائيز ۽ زيڊ ايم مارڪيٽنگ جي طرفان ڪراچي جي بهترين ٽيمبن تي مشتمل ٽورنامينٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

Rajput Enterprises

ڪراچي: گلشن مهراڻ ڪرڪيٽ ڪلب پاران ٽورنامينٽ جو اهتمام ڪيو ويو

ٽي ايم سي ٽنڊوڄام جي يوسي 58
جي وارڊ 4 جي ڪائونسلر جون
چونڊون، پ پ ڪامياب

ٽنڊوڄام (رپورٽر) ٽي ايم سي ٽنڊوڄام جي يوسي 58 جي وارڊ 4 جي ڪائونسلر جون چونڊون، پيپلز پارٽي اميدوار ميدان ماري ورتو آزاد اميدوار کي شڪست. خبر موجب ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن ٽنڊوڄام جي يونين ڪميٽي 58 جي وارڊ 4 جي جنرل ڪائونسلر جون چونڊن ۾ پيپلزپارٽي اميدوار ۽ ٻن آزاد اميدوارن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ٿيليسيميا جي عالمي ڏهاڙي تي ٿرپارڪر مبتلا مريضن لاءِ بلڊ ڊونيشن ڪيمپون قائم

بلڊ ڊونيشن ڪيمپون بلاڪ ٽو ايريا ۾ ماروي ڪلينڪ، ٽراما سينٽر، اي پي ٽي ايل ڊسپينسري تي قائم

سنڌ اينگرو ڪول مائيننگ ڪمپني جي ڊائريڪٽر سائيٽ اظهر ملڪ ۽ حبڪو جي ڊائريڪٽر سائيٽ رت ڏنو

اسلام ڪوٽ (رپورٽ صادق بجير) ٿيليسيميا جي عالمي ڏهاڙي تي ٿرپارڪر ضلعي اندر ٿيليسيميا ۾ مبتلا مريضن لاءِ بلڊ ڊونيشن ڪيمپون قائم ڪيون ويون. بلڊ ڊونيشن ڪيمپون بلاڪ ٽو ايريا ۾ ماروي ڪلينڪ، ٽراما سينٽر، اي پي ٽي ايل ڊسپينسري تي قائم ڪيون ويون. جتي سنڌ اينگرو ڪول مائيننگ ڪمپني جي ڊائريڪٽر سائيٽ اظهر ملڪ ۽ حبڪو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ڪراچي گلشن اقبال جي صحافي سعيد پتوجي ڀاءُ جا قاتل گرفتار نه ٿيا

قتل ڪيس جي گهربل جوابدارن کي پوليس هن وقت تائين گرفتار ڪري نه سگهي

ايسٽ نيشنل پريس ڪلب ۾ صحافين ۽ سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن طرفان احتجاج

نذير راڄپر غوث ٻگهيو باغي ساگر پنهوار اصغر بروهي فدا رند ممتاز شيخ جعفر احتجاج مظاهرو ڪيو

ڪراچي (باغي ساگر پنهوار) ڪراچي گلشن اقبال جي صحافي سعيد پتوجي 21 ڏينهن اڳ قمبر شهدادڪوٽ ضلعي جي سجاول جوڻيجو ٿاڻي جي حد عرضي پتو ۾ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ قتل ٿيل 23 سالن جي نوجوان ڀاءُ شيراز پتوجي قتل ڪيس جي گهربل جوابدارن کي پوليس هن وقت تائين گرفتار ڪري نه سگهي آهي واقعي خلاف ۽ جوابدارن جي گرفتاري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ڪراچي: صحافي سعيد پتوجي ڀاءُ جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

پرياسٽي جو اهلڪار بااثرن جي
مبينا طور گهر ۽ زمين تي قبضي
خلاف احتجاج

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) پرياسٽي ٿاڻي جو اهلڪار با اثرن جي مبينا طور گهر ۽ زمين تي قبضي خلاف وردي پائي ميڊيا سينٽر پهچي ويو تدارڪ نه ٿيڻ تي پاڻ ساڙڻ جو چتاءُ خبر موجب پرياسٽي پرسان ڳوٺ ڦلو واهڻ واسي پرياسٽي ٿاڻي جي پوليس اهلڪار سڄل سولنگي ميڊيا سينٽر پرياسٽي پهچي ٻڌايو ته مان ڳوٺ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

سرحد يوسي عمرڏهو سرحد جي وائيس چيئرمين جي چونڊ، آزاد اميدوار ڪامياب

يوسي 6 عمر ڏهو تي وائيس چيئرمين جي سيٽ تي ٿيندڙ ننڍي چونڊ ۾ پ پ کي شڪست

غير حتمي ۽ غير سرڪاري نتيجن موجب آزاد اميدوار عبدالجبار سميجو 2399 ووٽ کڻي سوڀارو

پ پ اميدوار 195 ووٽ کنيا، جام محمد علي لکڻ جي پولنگ تي آزاد اميدوار 202 ووٽ کنيا

سرحد (رپورٽ: غلام عباس مهر) يوسي عمرڏهو سرحد جي وائيس چيئرمين جي چونڊ، آزاد اميدوار 187 ووٽن جي ليڊ سان ڪامياب، پ پ اميدوار هارائي ويو. خبرموجب گهوٽڪي جي يوسي 6 عمر ڏهو تي وائيس چيئرمين جي سيٽ تي ٿيندڙ ننڍي چونڊ ۾ 12 ئي پولنگن اسٽيشنن جي غير حتمي ۽ غير سرڪاري نتيجن موجب آزاد اميدوار عبدالجبار سميجو 2399 ووٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

اڪرم واهه ڊويزن جي ٽن سب ڊويزنن قاضيا ڪيڻ ۽ شادي سمال ۾ پاڻي جي کوٽ خلاف شٽر بند هڙتال

ٽيل آبادگار ايسوسيئيشن جي اعلانيل احتجاج جي پهرين ڏينهن تي پنگريو شهر ۾ هڙتال ڪئي وئي

احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جيڪا شهر جو گشت ڪرڻ کان پوءِ پريس ڪلب اڳيان ڌرڻي ۾ تبديل ٿي وئي

آبادگارن جي احتجاجن دانهن ڪوڪن جو آبپاشي کاتي جي اختيارين تي ڪو اثر نه پيو آهي: مظاهرين جو الزام

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) اڪرم واهه ڊويزن جي ٽن سب ڊويزن قاضيا ڪيڻ ۽ شادي سمال ۾ پاڻي جي بدترين کوٽ جي خلاف ٽيل آبادگار ايسوسيئيشن جي اعلانيل احتجاج جي پهرين ڏينهن تي پنگريو شهر ۾ مڪمل شٽر بند هڙتال ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

بدين: پاڻي جي کوٽ خلاف آبادگار احتجاج ڪري رهيا آهن

نوشهروفيروز ۾ مڙس جي تشدد، نياڻيون کسڻ ۽ ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ خلاف احتجاج

مڙس جي زيادتين خلاف عورت مسمات تهمينه ڌيءُ محمد اشرف شيخ احتجاجي مظاهرو ڪيو

3 نياڻيون پٽ جو اولاد آهي ۽ منهنجو مڙس مون مٿان روز جي بنياد تي تشدد ڪندو رهندو: عورت

پنهنجيون نياڻيون واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي ۽ مان هاڻي نشي مڙس سان وقت نه ٿي گذارڻ چاهيان

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) مڙس جي تشدد، معصوم نياڻيون کسڻ ۽ ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ واري عمل خلاف عورت مسمات تهمينه ڌيءُ محمد اشرف شيخ احتجاجي مظاهرو ڪيو جتي هن چيو ته مان نواب جتوئي شهر جي رهواسڻ آهيان منهنجي مائٽن نواب ولد محمد صالح شيخ سان شادي ڪرائي هئي جنهن مان مونکي ٽي نياڻيون هڪ پٽ جو اولاد آهي ۽ منهنجو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ٿيليسيميا کان بچاءُ واري عالمي ڏينهن جي موقعي تي ڪمشنر پاران بدين سينٽر جو دورو

ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد بلال احمد ميمڻ ۽ ڊائريڪٽر گمس رحيم بخش ڀٽي سينٽر جو دورو ڪيو

ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد بلال احمد ميمڻ فزيوٿراپي يونٽ لاءِ 5 لک روپيا ڏيڻ جو پڻ اعلان ڪيو

نوجوانن کي ٿيليسيميا جي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ تعليمي نصاب ۾ سبق شامل ڪيا وڃن ته بهتر ٿيندو: ڪمشنر

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) ٿيليسيميا کان بچاءُ واري عالمي ڏينهن جي موقعي تي ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد بلال احمد ميمڻ ۽ ڊائريڪٽر گمبٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنس خيرپور ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي منو ڀائي ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر بدين جو دورو ڪيو ۽ ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر ۾ فزيوٿراپي يونٽ جو پڻ افتتاح ڪيو. ان موقعي تي ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد بلال احمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

بدين: ڪمشنر پاران ٿيليسيميا کان بچاءُ واري عالمي ڏينهن جي موقعي تي سينٽر جو دورو ڪيو

گهوٽڪي جي عدالت ۾
هالاڻي واسي ناري عليزا پاڻيڻ
سان پسند ڪري چڙهي

گهوٽڪي (د ر) گهوٽڪي جي عدالت ۾ هالاڻي واسي ناري عليزا پاڻيڻ سان پسند جي شادي ڪندڙ گهوٽڪي واسي نوجوان نثار گبول کي خانپور مهر پوليس ڪنهي گر ڪري چڙهيو. پسند جو پرڻو ڪندڙ ناري عليزا پاڻيڻ ۽ نوجوان جي والدا عالم خاتون گبول گهوٽڪي عدالت پهچي ويا. ان موقعي تي پسند جو پرڻو ڪندڙ هالاڻي واسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

سکر جي ايوب گيٽ لڳ ريڙهي تي سبزيو ڪپائيندڙ پورهيتن پاران احتجاجي مظاهرو

محمد مزار محمداڻي خادم محمداڻي، صاحب خان ۽ عبدالوهاب احتجاجي مظاهرو ڪيو

آصف شيخ روزگار ڪرڻ نه ٿو ڏئي جڏهن ته حد ٿاڻي تي ٻڻ اين سي به داخل ڪرائي آهي: الزام

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي ايوب گيٽ لڳ ريڙهي تي سبزيو ڪپائيندڙ پورهيتن پاران بااثر شخص جي ڏاڍاين خلاف احتجاج ڪندي، محمد مزار محمداڻي خادم محمداڻي، صاحب خان ۽ عبدالوهاب جو چوڻ هو ته اسين هٿ ريڙهن تي سبزيون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سينئر صحافي صفدر ابڙو جي ايسٽ نيشنل پريس ڪلب ۾ سالگره ملهائي وئي

صحافين سياسي ۽ سماجي اڳواڻن جي شرڪت گلن جا هار ۽ اجرڪون پارايون ويون

اصغر بروهي. فدا رند. جفر گوپانگ. ثنا الله هڪڙو ۽ پاڪستان مسلم (ن) ليگ اڳواڻ شريڪ

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي سينئر صحافي صفدر ابڙو جي ايسٽ نيشنل پريس ڪلب ۾ سالگراه ملهائي وئي سالگره ۾ صحافين سياسي ۽ سماجي اڳواڻن جي شرڪت گلن جا هار ۽ اجرڪون پارايون ويون سينئر صحافي نصر الله جمالي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڪراچي: سينئر صحافي صفدر ابڙو جي ايسٽ نيشنل پريس ڪلب ۾ سالگره ملهائي وئي

ڪراچي ۾ ناليواري سماجي اڳواڻ بيدار منظور برڙو جي بخاري ريئل اسٽيٽ غازي ڳوٺ ۾ تقريب

علائقي جي سياسي سماجي وڪيلن صحافين تقريب ۾ شرڪت ڪئي سالگره جي تقريب ڪونائي وئي

سيد منور علي شاهه فقير نظر چانڊيو نوريز خان ٽنيو شير محمد ڪورائي ديدار بليدي جاني ميمڻ شريڪ ٿيا

ڪراچي (رپورٽر) ناليواري سماجي اڳواڻ بيدار منظور برڙو جي بخاري ريئل اسٽيٽ غازي ڳوٺ ۾ سرهي سانجه ملهائي وئي جنهن ۾ سياسي سماجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

دادو ۾ اسٽيج ڊرامن جي واپسي، ثقافت کاتي سنڌ جي سهڪار سان اسٽيج ناٽڪ پيش

سينئر اداڪار نثار شاهه، شهناز ڀٽي، حاجن پريمي، صنم گل، اسد ڪورائي فن جو مظاهرو ڪيو

شهري هن پيش ٿيندڙ ڊرامي ۾ وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي خوب لطف اندوز ٿيا آهن: منتظمين

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ اسٽيج ڊرامن جي واپسي ثقافت کاتي سنڌ جي سهڪار سان سفوا پروڊڪشن دادو پاران سيد منور علي شاهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

دادو: اداڪار اسٽيج تي فن جو مظاهرو ڪري رهيا آهن

ٽي ايم سي ٽنڊوڄام جي يوسي 58 جي وارڊ 4 جي ڪائونسلر جون چونڊون، پ پ ڪامياب

ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن ٽنڊوڄام جي يونين ڪميٽي 58 جي وارڊ تي چونڊون ٿي گذريون

پيپلز پارٽي جو اميدوار محمد ايوب جمالي 642 ووٽ کڻي ڪامياب ٿي ويو، ڪارڪنن ۾ خوشي

ٽنڊوڄام (رپورٽر) ٽي ايم سي ٽنڊوڄام جي يوسي 58 جي وارڊ 4 جي ڪائونسلر جون چونڊون. پيپلز پارٽي اميدوار ميدان ماري ورتو آزاد اميدوار کي شڪست. خبر موجب ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن ٽنڊوڄام جي يونين ڪميٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

دادو ۾ جماعت اصلاح المسلمين جي اڳواڻن پاران اجلاس، اهم معاملن تي ڳالهيون

گڏجاڻي ضلعي صدر خليفه منير احمد عباسي طاهري جي صدارت هيٺ گڏجاڻي ٿي

عمل درآمد ۽ لائحه عمل ۽ برانچز ۾ ضلعي عهديدارن جي وزٽ جو شيڊول تيار ڪيو ويو

دادو (عزيزالله خاصخيلي) جماعت اصلاح المسلمين ضلع دادو زون 1 عهديدارن جي گڏجاڻي ضلعي صدر خليفه منير احمد عباسي طاهري جي صدارت هيٺ جامع مسجد سبحان الله مجيد ڪالوني دادو ۾ ٿي گذري جنهن ۾ 3 ماهي رپورٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

دادو: ضلعي صدر خليفه منير احمد عباسي طاهري جاري اجلاس جي صدارت ڪندي

سرحد ۾ هيلٿ ڪيئر ڪميشن جا ڇاپا، 5 عطائين جون ڪلينڪون سيل

ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر مجاهد ڀيو، ڊاڪٽر شبير احمد دايو شهر ۾ ڪارروايون ڪيون

ڇاپن دوران سرحد پوليس ٻن عطائين رحيم بخش ڪورائي نازڪ لولائي کي پڻ گرفتار ڪيو

سرحد (رپورٽر) سرحد ۾ هيلٿ ڪيئر ڪميشن جا ڇاپا، پنج عطائين جون ڪلينڪون سيل، ٻه عطائي گرفتار، ميڊيڪل اسٽورن تي به ڇاپا، اسٽور مالڪن کي به ڌمڪيون، ڪيترائي ڊاڪٽر ڪلينڪون ڇڏي ڀڄي ويا. خبرموجب سرحد ۾ سنڌ هيلٿ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سکر سائيٽ ٿاڻي جي ايس ايڇ او پاران سماجي براين کي روڪڻ لاءِ ڪارروايون

پوليس ڪچو شراب منشيات هٿ ڪري 4 جوابدارن مٿان ڪيس داخل ڪري ڇڏيو

خير محمد ڪوسا ڳوٺ ۾ ڪچي شراب جي ڀٽي تي ڇاپو هڻي مک جوابدار گرفتار ڪري ورتا

سکر رپورٽ. امداد علي گل ڪلوڙ) سکر سائيٽ ٿاڻي جي ايس ايڇ او سماجي براين کي روڪڻ لاءِ ملوث جوابدارن خلاف رڻ ٻاري ڏنو منشيات فروشن ڪچي شراب ۽ نشي آور شين وڪرو ڪندڙن مٿان ڇاپا ڪچو شراب منشيات هٿ ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

مورو جي رهواسي رجب ڪوسو پاران بااثرن خلاف احتجاجي مظاهرو

شاهين چنو سان پسند جو پرڻو ڪري شريعت محمد نڪاح ڪيو: رجب ڪوسو

نوٽيس وٺي مون سان انصاف ڪيو وڃي ۽ منهنجي زاهد چنو مان جان ڇڏائي وڃي

نوشهرو فيروز (د ر) مورو جو رهواسي رجب ڪوسو ولد ڪيهر ڪوسو ويٺل ريلوي لائين گودام صحافين اڳيان دانهيندي ٻڌايو آهي ته ڪجهه وقت اڳ مان تالي شاهين چنو ولد محمد عرس چنو سان پسند جو پرڻو ڪري شريعت محمد نڪاح /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

نوشهرو فيروز: رجب ڪوسو پاران بااثرن خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

نوشهروفيروز ۾ انڊس هاسپيٽل هيلٿ نيٽ ورڪ پاران سماجي تنظيم سان گڏجي ڪئمپ

ڪئمپ سينئر ڊاڪٽرن سميت ٽيڪنيڪل اسٽاف 600 کان وڌيڪ مريضن جو چيڪ اپ ڪيو

ڪئمپ جي اڳواڻ محمد افضل جمالي سماجي اڳواڻن اعجاز ممنائي فيروز علي ميمڻ شرڪت ڪئي

اسان جو علائقو ڪجهه عرصو پاڻي هيٺ رهيو جنهن ڪري گندگي ٿي وئي آهي: علائقي واسين جون ڳالهيون

نوشهروفيروز (د ر) انڊس هاسپيٽل هيلٿ نيٽ ورڪ پاران سماجي تنظيم يونائيٽيڊ ميمڻ جماعت ۽ صادق فائونڊيشن ڪاهي ممڻ جي تعاون سان هڪ ڏينهن جي مفت ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي جنهن ۾ سينئر ڊاڪٽرن سميت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نوشهروفيروز: سماجي تنظيم سان گڏجي انڊس هاسپيٽل هيلٽ نيٽ ورڪ پاران مفت ڪئمپ لڳائي وئي

ڳڙهي ياسين ٻه ڏينهن اڳ
ڌوهارين سان مقابلي ۾ شهيد ٿي
ويل پيري جو ڪيس داخل

ڳڙهي ياسين (رپورٽر) ڳڙهي ياسين ٻه ڏينهن اڳ ڌوهارين سان مقابلي ۾ شهيد ٿي ويل پيري سڪندر بروهي جو قتل ڪيس يوسي چيئرمين سميت ٽن سڃاتل ۽ اڻ سڃاتل جوابدارن تي سرڪاري پيري ۽ مقتول جي ڀاءُ نبي بخش عرف بولو بروهي جي فرياد تي داخل. ڳولو دڙو پوليس اسٽيشن تي داخل پوليس مقابلي ڪيس ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ضلع گهوٽڪي جي اسڪارپ کاتي جون ٽيوبلون بنجر ٿيل

گهوٽڪي ۽ تعلقا اوٻاوڙو جا ملازم آفيسرن جي آشرواد سبب ويزا تي ويل

ملي ڀڳت ڪري سرڪاري خزاني مان بنا ڊيوٽي ڪرڻ تي تنخوائون وصول ڪن پيا

اوٻاوڙو (رپورٽ: غلام علي رند) اوٻاوڙو سنڌ جي مانگر مڇن مٿان ڪير به هٿ وجهڻ وارو ناهي ضلع گهوٽڪي جي اسڪارپ کاتي جون ٽيوبلون بنجر ٿيل نظر اچن پيون مگر ان جا ملازم خبر ناهي ته هو ڪٿي ڊيوٽي ڪري تنخوائون وٺن پيا ايس ايس ٽي بنجر ٿيل ٽيوبلن جا فوٽيج هٿ ڪري ذرايع مان معلوم ڪيو آهي ته ضلع گهوٽڪي ۽ تعلقا اوٻاوڙو جا ملازم آفيسرن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ٺٽو جي سول سوسائٽي، قومي، مذهبي اڳواڻن پاران اصغر ملاح واقعي خلاف احتجاج

اصغر ملاح جي خون سان انصاف ڪري ملوث صحت کاتي خلاف جوڊيشنل انڪوائري جي گهر

اقبال خاصخيلي، سيد امجد حسين شاهه، محمد خان ملاح، قومپرست اڳواڻ سيد نواز شاهه ڀاڏائي شريڪ

سرڪاري اسپتالن ۾ جان بچائڻ واريون دوائون نه هجڻ ڪري ماڻهون تڙپي تڙپي فوت ٿي وڃن ٿا: مظاهرين

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) ميرپور ساڪرو جي شيخ زيد اسپتال ۾ بروقت علاج ۽ ايمبولينس نه ملڻ ڪري تڙپي تڙپي فوت ٿيل معصوم اصغر ملاح جي واقعي خلاف ٺٽي ۾ سول سوسائٽي پاران ٺٽو پبلڪ پريس ڪلب ٺٽو کان شاهجهان جو تائين احتجاجي مارچ ڪيو ويو احتجاجي مارچ ۾ سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن وڪيلن واپارين وڏي انگ ۾ شرڪت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٺٽو: اصغر ملاح واقعي خلاف سول سوسائٽي، قومي، مذهبي اڳواڻن پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

غلام الله ۾ مهيشوري ايڪشن
ڪميٽي ۽ سياسي سماجي
اڳوانن پاران احتجاج

غلام الله (رپورٽر) مهيشوري ايڪشن ڪميٽي ۾ سياسي سماجي اڳواڻن سيٺ ڪيڄومل مهيشوري، ٻنهون مل مهيشوري، ڊاڪٽر ڪرشن ڪمار مهيشوري، ماسٽر سوڊل مهيشوري پاران پريس ڪلب غلام الله ۾ پريس ڪانفرنس ڪئي وئي پريس ڪانفرنس ڪندي اڳواڻن چوڻ هو ته ڪجهه ڏينهن اڳ ڪراچي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ڏڙو جي تاريخ ۾ 4 عورتن سميت 24 ڄڻن خلاف دهشتگردي ايڪٽ تحت ڪيس داخل

ڪڏا برادري جي ڇهن عورتن زينب ڪڏو، صغران ڪڏو، پارس ڪڏو، سسئي ڪڏو تي ڪيس داخل ڪيو ويو

ڏڙو پوليس هڪ جوابدار نثار ڪڏو کي گرفتار ڪري ورتو، ڪڏا برادري جي نوجوانن پوليس سان جهيڙو ڪيو

جهيڙي ۾ پوليس اهلڪار اسماعيل ۽ محمد خان سميت 4 پوليس اهلڪار مبينا زخمي ٿي پيا آهن: عملدار

ڏڙو (ن سنڌ يار) ڏڙو جي تاريخ ۾ 4 عورتن سميت 24 ڄڻن خلاف دهشتگردي ايڪٽ تحت ڪيس داخل. ڏڙي ٿاڻي تي مقرر ايس ايڇ او بشير چانڊيو جي فرياد تي ڪڏا برادري جي ڇهن عورتن زينب ڪڏو، صغران ڪڏو، پارس ڪڏو، سسئي ڪڏو، نديم ڪڏو، پالو ڪڏو، بخاري ڪڏو، ناهيد ڪڏو، گدو ڪڏو سميت 14 سڃاتل ۽ 10 اڻسڃاتل ماڻهن خلاف پوليس مٿان حملي جي الزام هيٺ دهشتگردي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

سکر ۾ پيپلز موومينٽ جي سڏ تي اڳواڻن پاران عام چونڊن ۾ ڀرپور حصو وٺڻ جو فيصلو

جمهوريت پسند ماڻهو آهيون مشاورت تي يقين رکون ٿا ايندڙ عام چونڊن ۾ حصو وٺنداسين

چونڊن ۾ ڀرپور طريقي سان حصو ورتو ويندو هڪ نئين منشور کي کڻي عوام وٽ وينداسين: منظور احمد

طاقتور طبقو ملڪ تي قابض ٿيل آهي جن کان جان ڇڏائڻي پوندي هر ڪم لاءِ جدوجهد ڪرڻ شرط آهي

سکر (رپورٽ. امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان پيپلز موومينٽ جي سڏ تي اڳواڻن ويهه پارٽين اتحاد جي چيئرمين منظور احمد گيلاني، نور محمد شجراع، سردار انيل ڀٽي ۽ ٻين سکر پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

SUKKUR PRESS CLUB
SINCE- 1960

سکر: اڳواڻ پريس ڪلب ۾ ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

ميرواهه ڪئنال مان نڪرندڙ
شاهنواز واهه جي پڇڙي ۾ پاڻي جي
کوٽ برقرار

ٽالپروڙا (رپورٽر) ميرواهه ڪئنال مان نڪرندڙ شاهنواز واهه جي پڇڙي ۾ آبپاشي کاتي جي ڪامورن جي رشوت خوري ۽ مٺڙ جي بااثر آبادگارن جي پاڻي تي ڌاڙو هڻڻ سبب پاڻي نه پهتو پڇڙي جي سوين ايڪڙ زرخيز زمين بنجر بڻيل برسات ۽ سيلاب سبب زمينون ۽ اٺ مهينا گهرن کان ٻي گهر ٿيل آبادگار بيحال آبادگارن جو پاڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ملين سمائل فائونڊيشن ٽيم سنڌ، نوشهروفيروز پاران آگاهي سيشن منعقد

انسٽيٽيوٽ آف نرسنگ اينڊ الائيڊ هيلٿ سائنسز نوشهروفيروز ۾ سيشن ٿيو

انتظام حسين مري ۽ نرسنگ جي پرنسپال غلام مصطفيٰ مري خصوصي شرڪت ڪئي

ٿيليسيميا، هڪ خطرناڪ بيماري آهي جنهن بابت هي پروگرام منعقد ڪيو ويو آهي: شاهنواز وسطڙو

نوشهروفيروز (د ر) ملين سمائل فائونڊيشن ٽيم سنڌ، نوشهروفيروز پاران انسٽيٽيوٽ آف نرسنگ اينڊ الائيڊ هيلٿ سائنسز نوشهروفيروز ۾ ٿيليسيميا بابت آگاهي سيشن منعقد ڪيو ويو سيشن جي اڳواڻي ريجنل ڪائونسل جي ميمبرز زويا لاڙڪ ۽ رباب ٽنيو ڪئي. جڏهن ته شهنيلا گيلاني، مس نيلم حيات، انسٽيٽيوٽ جو انچارج انتظام حسين مري ۽ نرسنگ جي پرنسپال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

PROPHECY
THALASSEMIA
AWARENESS SESSION

دايو برادري جي چيف سردار صفدر علي خان جو گهوٽڪي ضلعي جو دورو

مختلف شهرن جو دورو دايا برادري پاران شاندار استقبال مٿس گلن جي ورکا

ماٺيلو پهچي ياسين دايو جي تڏي تي پهچي گهرواري جي وفات تي تعزيت ڪئي

نائب صدر غلام نبي دايو عبدالجبار دايو نعيم الله دايو صحافي نديم علي دايو ساڻس گڏ هئا

گهوٽڪي (رپورٽ لالچند موٽواڻي) دايو برادري جي چيف سردار صفدر علي خان ملياڻي جو گهوٽڪي ضلعي جي مختلف شهرن جو دورو دايا برادري پاران شاندار استقبال مٿس گلن جي ورکا ۽ مختلف هنڌن تي فوتين جي وارثن سان تعزيت اسان کي هن جديد دور ۾ ٻارڙن جي تعليم ۽ تربيت تي خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي جيئن ٻارڙا مستقبل ۾ پنهنجو مستقبل سنواري پنهنجي قوم جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

گهوٽڪي: دايو برادري جي چيف سردار صفدر علي خان ضلعي گهوٽڪي جو دورو ڪندي

سائره شيخ سان انصاف ڪيو،
تحريڪ انقلاب نوجوان پاڪستان
طرفان احتجاج

رتوديرو (رپورٽر) سائره شيخ سان انصاف ڪيو، تحريڪ انقلاب نوجوان پاڪستان طرفان احتجاج، ضلعي صدر مجاهد علي ميراڻي ۽ تعلقه صدر عبيدالله جاڳيراڻي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي رتوديرو نيشنل پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو مظاهري ۾ تحريڪ انقلاب نوجوان پاڪستان قمبر شهدادڪوٽ صدر حيدر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اڱارو 08 مئي 2023ع

زرعي پورهيت عورتن جا مسئلا حل ڪريو

انساني حقن جي اڳواڻن، پورهيت عورتن ۽ وڪيلن جو چوڻ آهي ته زراعت سان واڳيل 60 سيڪڙو پورهيو ڪندڙ عورتون مناسب اجوري کان محروم رهن ٿيون.ٻني ۾ ڪم ڪندڙ عورتن کي سماجي معاشي ۽ جسماني طرح سان ڪو به تحفظ نه آهي.ماحوليات جو اثر غريب ملڪن تي سڌي ريت پوي ٿو جنهن جو سڀني کان وڏيڪ نقصان زراعت ۽ چوپائي مال جو ٿئي ٿو.ان سان ٻني ٻاري واري ماڻهو کي گهڻو ڀوڳڻو پوي ٿو. حيدرآباد ۾ ٿيل هڪ پروگرام ۾ مطالبو ڪيو ويو ته زرعي پورهيو ڪندڙ عورت جي لاءِ قانون جوڙيا وڃن ۽ جيڪي قانون جوڙيا ويا آهن،انهن کي لاڳو ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي. سماجي تنظيم پاران ٿيل ان پروگرام ۾ چيو ويو ته ٻني ڪندڙ ۽ زرعي پورهيت جو دارو مدار چوپائي مال تي هوندو آهي. ڦٽيون چونڊيندڙ پورهيت عورتن، ليڪن ۽وڪيلن پروگرام ۾ ڳالهائيندي چيو ته سنڌ ۾ خوراڪ جي کوٽ جي سبب ٻارن جو قد ۽ ڄمار گهٽجي رهيا آهن.مهانگائي جي حساب سان ڏٺو وڃي ته 4 ٻارڙن واري هڪ خاندان جي محدود خوراڪ تي 70 هزار روپيا ماهوار خرچ ٿئي ٿو.ان جي مقابلي ۾ هڪ مزدور مهيني ۾ 10 هزار روپيا مشڪل سان ڪمائي سگهڻ جي پوزيشن ۾ هوندو آهي، پورهيتن جي يونين ناهڻ ۽ رجسٽريشن جي حوالي سان ڏکايون آهن، وڏن زميندارن وٽ ايترو ڦٽيون چونڊيندڙ عورتون موجود آهن جتي يونين ٺهي سگهي ٿي.عورتن کي في مڻ چونڊائي 5 سئو کان وڏيڪ ناهي ملندي.هڪ پورهيت جي اجرت گهٽ ۾ گهٽ 60 هزار روپيا ماهوار مقرر ٿيڻ گهرجي. پروگرام ۾ اهو به چيو ويو ته سماج ۾ انصاف ۽ تحفظ ناهي، سول سوسائٽي جو انتهائي اهم ڪردار آهي، پر اها پنهنجو ڪردار نڀائي نه سگهي آهي، ان ڪري ان کي مزدورن کان ويندي عورتن ۽ ٻارن جي لاءِ ڪو موثر آواز اٿي نه سگهيو آهي.ماحولياتي ۽ زرعي ماهر جو چوڻ هو ته حڪومت جي اها دعويٰ آهي ته هن سال ٽارگيٽ کان وڏيڪ ڪڻڪ لٿي آهي، پر اڃا تائين ته خريداري 65 سيڪڙو به نه ٿي سگهي آهي، زميني حقيقتون ۽ انگ اکر اهو ظاهر ڪن ٿا ته ڪڻڪ جي پوکي جو ٽارگيٽ پورو نه ٿيو آهي اڄ به مسڪين ماڻهو اٽي جي خريد ڪرڻ لاءِ پريشان آهن. پروگرام ۾ وڪيلن لاڳاپيل مسئلن بابت ڳالهائيندي چيو ته ماحولياتي تبديلين کي ڏسندي ڪلائيمينٽ سيفٽي ايڪٽ پاس ٿيڻ گهرجي. صنفي برابري جي بنياد تي اسان سائوٿ ايشيا ۾ رڳو افغانستان کان اڳتي آهيون. 18 هين ترميم کانپوءِ پورهيو صوبائي معاملو آهي ۽ سڀ کان وڏيڪ پورهيتن جي لاءِ قانونسازي سنڌ ۾ ضرور ٿي آهي. پر پورهيتن جي مسئلن جي حل لاءِ ٽريڊ يونين کي نظرانداز ڪيو ويو آهي. 2019 ع ۾ زراعت ۾ ڪم ڪندڙ پورهيت عورتن بابت جوڙيل قانون تي عمل نه ٿي سگهيو آهي.زرعي مزدور عورتون پورهيئي دوران زهريلن جيتن جو شڪار ٿين ٿيون. ان ڪري سيفٽي پروٽوڪول کي يقيني بڻايو وڃي.سنڌ سرڪار کي مٿي ذڪر ڪيل معاملن تي غور ڪري انهن کي حل ڪرڻ جي لاءِ تڪڙا قدم کڻڻ گهرجن جيئن پورهيت عورتن کي هر طرح جو تحفظ ملي سگهي.

هجوم هٿان قتل جو هڪ وڏيڪ واقعو،ملڪ جو لاچار قانون هي ملڪ ڪهڙي رخ ۾ وڃي رهيو آهي، ان جي ڪنهن کي ڪا ڪل ناهي، پر جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي اهو هر ذي شعور انسان جي لاءِ گهڻي تڪليف وارو عمل آهي.هن ملڪ ۾ ڪنهن تي بنا ڪنهن ثبوت ۽ ثابتي جي الزام هڻڻ هڪ رواج ٿي ويو آهي هاڻي ته هجوم پاڻ ئي اهڙي الزام بعد فيصلو به ڪري ٿو ڇڏي ۽ ان جي لاءِ سزا به تجويز ڪري ٿو اهڙو ئي هڪڙو وڏيڪ عمل خيبرپختونخواهه جي علائقي مردان جي جبر ٽائي جي حد ۾ هڪ جماعت جي جلسي دوران مبينا طور گستاخي وارن جملن ادا ڪرڻ تي هجوم هڪ شخص کي تشدد ڪري قتل ڪري ڇڏيو.هن کي پوليس جي روبرو لٺين،ڏڪن ۽ ٿڏن سان ماري ماري هن جا پساهه پورا ڪيا ويا. سموري دنيا جي ميڊيا ۾ آيل خبرن موجب ڇڪتاڻ ان وقت پيدا ٿي جڏهن ته جلسي جي پڄاڻي تي هڪ شخص کي دعا لاءِ سڏ ڪيو ويو، جنهن بابت چيو ٿو وڃي ته دعا دوران مبينا طور تي توهين آميز لفظ ادا ڪيا. جنهن تي جلسي ۾ شامل ماڻهو مچرجي پيا. نگار نالي هن شخص جو تعلق پڻ ساڳي ئي جماعت سان ڄاڻايو ويو آهي.هن بابت اهو به ٻڌايو پيو وڃي ته هو علائقي ۾ شفاخاني جو ڪم ڪندو هو علاج ڪندو هو هر بيماريءَ لاءِ دم درود ڪندو هو ۽ پاڻ کي پير پڻ سڏائيندو هو.قتل کانپوءِ پوليس ڊي آءِ جي محمد علي گنڊاپور ٻڌايو ته پوليس ان شخص کي ماڻهن کان بچائڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي، پر ماڻهن جو انگ گهڻو هو ۽ ڪاوڙيل ماڻهن ڪيس لٺن،لٺين ۽ ٿڏن سان ڪيس ماري ڇڏيو پوليس ان جو مشڪل سان لاش تحويل ۾ ورتو پاڪستان هاڻي اهڙو ملڪ ٿي ويو آهي جتي سياست کي مذهب سان گڏ شامل ڪري هر ڌر ان مان فائدو حاصل ڪرڻ چاهي ٿي جنهن سان ملڪ ۾ شدت پسندي کي هٿي ملندي رهي آهي.اهوئي سبب آهي جو ملڪ ۾ اهڙي نوعيت جا ڪيس وڌي ويا آهن. سمورين لاڳاپيل اختيارين کي هن واقعي جو نوٽيس وٺي ملڪ مان سياست ۽ مذهب کان جدا ڪيو وڃي ٿي صورت ۾ اهڙا واقعا شايد نه رڪجي سگهن.اهڙي قسم جي هجوم واري نفسيات جو ردعمل ڪنهن به جاءِ تي ٿي سگهي ٿو. ماڻهن کي قانون هٿ ۾ کڻڻ کان روڪڻ جي لاءِ ڪو به بندوبست نظر نٿو اچي. ساڳي نوعيت جا واقعا ملڪ جي مختلف حصن ۾ ٿيا آهن.جنهن بعد به لاڳاپيل اختيارين اک نه پٽي آهي،ان ڪري اهي وقت گذرڻ سان گڏ وڌي رهيا آهن.غربت،مهانگائيءَ سوين مسئلن ۾ ڦاٿل عام ماڻهو اڳي ئي ذهني دٻاءَ جو شڪار آهن.مٿان وري اهڙا واقعا سموري اڀري سيري سماجي اسٽرڪچر کي ڪنهن به وقت مڪمل طور تي ناس ڪري ڇڏيندا. جيڪڏهن ڪنهن به شخص کان اهڙو ڏوهه ٿي به ويو هو ته ان جي لاءِ سزا ته قانون کي تجويز ڪرڻي آهي،پر جيڪڏهن هجوم ۾ شامل هزارين ماڻهو اهڙي نموني سان پاڻ ئي فيصلو ڪري ان تي عمل ڪرائيندا ته ان سان ملڪ جي رهيل سهيل ساک به پوري ٿي ويندي ۽ ملڪ مڪمل طور تي وڳڙين جي هٿن ۾ هليو ويندو.

نمستي!

اعجاز منگي

شهنگائي تعاون تنظيم جي گووا واري گڏجاڻي پاڪ ڀارت رشتن جا گهاوُ ڀرڻ بدران وڌيڪ گهرا ڪرڻ جو سبب بڻي آهي. ننڍي کنڊ جا سينيئر سفارتڪار سوچي رهيا آهن ته پاڪستان ۽ ڀارت جي تعلقات ۾ هن ڀيري واري تلخي ڪيترو وقت رهندي؟

ڀارت کي پنهنجي پونءِ تي ٻري ميزبانيءَ جو ڪو به پڇتاءُ ناهي. جڏهن ته پاڪستان جو پرڏيهي معاملن جو وزير بلاول پاڻ سان ٿيل بدسلوڪي جي تلخيءَ کي وسارڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. جيڪڏهن بلاول ۽ هن جي ٽيم کي معلوم هجي ها ته ڀارت بينظير ڀٽو جي پٽ سان ائين پيش ايندو ته جيڪر هو ڪيس ڀارت ياترا جو رسڪ کڻڻ نه ڏين ها. پر اها نه صرف پاڪستان جي پرڏيهي ڪاتي پر پيپلز پارٽيءَ جي سياسي سمجهه جي ناڪامي به آهي ته هو بلاول کي ان وقت ڀارت موڪلڻ جو غلط فيصلو ڪري ويٺا، جڏهن هن جو هڪ سال وارو پرڏيهي وزارت وارو سفر پورو ٿيڻ وارو آهي.

هيءَ حڪومت جڏهن به پنهنجو مدو پورو ڪندي، تڏهن صرف ان معاملي جو تجزيو نه ڪيو ويندو ته پي ڊي ايم جي حڪومت ڇا وڃايو ۽ ڇا حاصل ڪيو؟ پر سياسي ذهن ان باري ۾ به سوچيندا ته بلاول پنهنجي هڪ سال واري سفارتي سفر ۾ ڪيتري ڪاميابي حاصل ڪئي؟ هو جيڪو پنهنجي پارٽيءَ جو سربراهه آهي، هن کي پاڪستان جو سرموڙ اڳواڻ بڻائڻ جو سعيو ڪرڻ وارا ان حق ۾ نه هئا ته بلاول ميان شهباز شريف جي ڪابينا جو وزير بڻجي هلي، پر بلاول جي حوالي سان هن جي ٽيم جي سدائين اها ڪوشش رهي آهي ته بلاول کي ان طرح سان پيش ڪيو وڃي، جو هن ۾ پنهنجي والده ۽ پنهنجي ناني جو عڪس نظر اچي. اهوئي سبب هو ته بلاول کي پرڏيهي معاملن جو وزير بڻائڻ جو فيصلو ڪيو ويو ته جيئن هو سرڪاري سياست جو اسٽارٽ ذوالفقار علي ڀٽي وانگر وٺي. هن پاڪستان جي پرڏيهي وزارت جو بار پنهنجن ڪلهن تي ته کنيو پر ان سلسلي ۾ هو هن مهل تائين ڪا به قابل ذڪر ڪاميابي حاصل نه ڪري سگهيو آهي. هن کي پنهنجي پرڏيهي وزارت مان اهو فائدو ضرور پيو ته هو مختصر عرصي ۾ مُني دنيا جي ملڪن جا دورا ڪري چڪو آهي. هن کي پرڏيهي وزير بڻائڻ جو خيال پيش ڪرڻ وارن جو اهو اصرار به هو ته بلاول ان بهاني دنيا جي حڪمرانن سان پنهنجا تعلقات پيدا ڪندو ۽ هو جڏهن وزير اعظم ٿيندو ته دنيا جا حڪمران هن کي ذاتي طور تي سڃاڻندا. هن جي حوالي سان اها اميد به ڪئي وئي ته هن کي عالمي سطح تي پنهنجي شهيد ماءُ سبب پيار ۽ عزت ملندي. هن وقت جڏهن بلاول ڀارت جهڙي پاڪستان جي پراڻي دشمن ملڪ مان ڪاميابي بدران ناڪامي کڻي وطن واپس وريو آهي. تڏهن اهو سوال پيهر ساڻو ٿي پيو آهي ته بلاول پنهنجي پرڏيهي وزارت واري دور ۾ "بينظير ڪارڊ" جو ڪيترو استعمال ڪري سگهيو؟

پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ جيڪا تلخي موجود آهي، اها هن حڪومت جي پيداوار ناهي. پاڪ ڀارت ڇڪتاڻ ايتري پراڻي آهي، جيترو پراڻو پاڪستان آهي. اها الڳ ڳالهه آهي ته ٻن دشمن ملڪن جي وچ ۾ ڪڏهن ڪڏهن امن جي اميد پيدا ٿي آهي پر سفارتڪاريءَ جي آڪاش تي اها روشني گهڻو وقت جٽاءُ نه ڪري سگهي آهي. ڇو ته جلدي ڪنهن نه ڪنهن منفي عمل سبب بحران جا بادل ٻنهي ملڪن جي بهتر لاڳاپن کي ڍڪڻ جو سبب بڻيا آهن.

پاڪستان جي هر حڪمران اها ڪوشش ڪئي آهي ته هو ڪنهن طرح سان ڀارت بهتر تعلقات قائم ڪري سگهي. ان سلسلي ۾ صرف چونڊيل نه پر ملڪ مٿان پاڻ کي مڙهيندڙ فوجي حڪمران به ساڳي ڪوشش ڪندا نظر آيا آهن. اسان کي ڪڏهن اها ڪوشش ايوب خان جي پاران ڀارت کي پاڪستان جو هڪ درياهه ڏيڻ جي صورت ۾ نظر اچي ٿي ۽ ڪڏهن اها ڪوشش جنرل ضياءَ جي ڪرڪيٽ ڊپلوميسيءَ جي روپ ۾ آڏو آئي آهي. ڪڏهن پرويز مشرف پاران پنهنجي اباڻي گهر جي ياترا جي صورت شڪل ۾ نظر آئي آهي. ڪڏهن اسان کي زيڊ اي ڀٽو پاران شملا معاهدي جي حوالي سان دوستيءَ جو هڪ يادگار قائم ڪرڻ جو نظارو ڏسڻ وٽان مليو ٿو ڪڏهن اسان بينظير ڀٽو ۽ راجيو گانڌيءَ جي وچ ۾ نئين تاريخ ناهڻ جي ڪوشش جو عزم پڙهو هو. جڏهن ته پاڪستان جو ٽي ڀيرا وزير اعظم ٿيندڙ ميان نواز شريف مٿان ته ڀارت نواز هجڻ جو الزام مسلسل لڳندو رهيو آهي. هن جي دور حڪومت ۾ واجپائي پاران بس ڊپلوميسي کان وٺي موديءَ پاران هن سان ملاقات لاءِ اوچتو پاڪستان اچڻ وارو سرپرائز دنيا جي حيران ڪرڻ جو باعث بڻيو پر پاڪستان ۽ ڀارت جو رشتو پوءِ به فيض احمد فيض جي ان شعر جهڙو رهيو ته:

هم ڪ ٺهري اجنبي، اتني مداراتون ڪي بعد
ڪب بنين گي آشنا؟ ڪتني ملاقاتون ڪي بعد؟

بلاول جي مٿان پاڪ ڀارت تعلقات جي بگاڙ جو الزام بلاول جي مٿان مڙهڻ به ناانصافي هوندو. ڇو ته بلاول جا ڪلها ننڍي کنڊ جي تمام وڏي بحران جو بار کڻي نه ٿا سگهن. بلاول کي ان وقت ايڏي وڏي آزمائش ۾ لاهڻ وارن مٿان تنقيد ضرور ٿيڻ گهرجي. ڇو ته بلاول جي سفارتڪاريءَ ۾ انٽري بلڪل نئين آهي. بيو ته سفارتڪاري هن جو سبجيڪٽ به نه رهي آهي. بلاول جي ٽيم هن کي زوريءَ زبردستيءَ زيڊ اي ڀٽو بڻائڻ جي جيڪا ڪوشش ڪري رهي آهي، ان جا هن مهل تائين بهتر نتيجا نه نڪتا آهن ۽ نڪري به نه ٿا سگهن. ڇو ته هر انسان پنهنجي مزاج مطابق ارتقاءَ جا مرحلا طئہ ڪندو آهي. اسان ڪنهن کي به مڪمل طور تي ڪنهن جهڙو بڻائڻ جي ڪوشش ۾ هن جي انفراديت کي ختم ڪرڻ کان سواءِ بيو ڪجهه به حاصل ڪري نه ٿا سگهون. جيڪڏهن بينظير ڀٽو جهڙي ذهين ۽ پنهنجي والد سان تمام گهڻو ويجهو رهڻ واري ۽ هن جي تمام پياري ڌيءَ به مڪمل طور تي هن جهڙي ٿي نه سگهي ته بلاول ڪهڙي ريت مڪمل طور تي ڀٽو ٿي سگهي ٿو

بلاول جي ڪاتي ۾ سفارتڪاريءَ جي هيءَ ناڪامي تحرير ڪرائڻ ۾ هن جو پنهنجو ڪردار گهٽ ۽ هن جي ٽيم جو ڪردار وڏيڪ آهي. بلاول جي سفارتڪاريءَ ۾ ڪا وڏي سوڀ نه ماڻڻ واري پهلوءَ کي ڍڪڻ لاءِ ڪوئي اهو به چئي سگهي ٿو ته ۽ عام طور تي چيو به ويندو آهي ته پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ ۾ چونڊيل حڪومت جي پرڏيهي وزير جو ڪردار ان اداڪار جو هوندو آهي، جنهن کي لکيل اسڪرپٽ تي عمل ڪرڻو هوندو آهي ۽ ان جو بلاول کي تمام گهڻو تجربو آهي. پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ ۾ اهم ترين ڪردار ملڪي اسٽيبلشمينٽ جو هوندو آهي. اهوئي سبب آهي ته جنهن به چونڊيل حڪمران پرڏيهي پاليسيءَ ۾ پنهنجي هلائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ان کي افسوس جوڳا نتيجا ڏسڻا پيا آهن. بلاول کي به ان سلسلي ۾ وسارڻ نه گهرجي ته هن ڪجهه وقت اڳ ڀارت جي حوالي سان جيڪو بيان ڏنو هو، ان جي پرڏيهي ڪاتي کي اها پڌرائي جاري ڪرڻي پئي هئي ته پرڏيهي وزير جو بيان پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي ناهي. ڇا ڪا شيءِ ان کان وڏيڪ مضحڪہ خيز ۽ کل جوڳي ٿي سگهي ٿي ته پرڏيهي وزير جو بيان پرڏيهي پاليسي نه هجي. جڏهن ته هن جو اهو بيان هجي ته پاڙيسري ملڪ جي سلسلي ۾! پاڪستان جي سلسلي ۾ ماضيءَ جي مشهور انگريزي رسالي "نيوزلائن" جي ايڊيٽر رضيه ڀٽي بلڪل صحيح لکيو ته پاڪستان ۾ ڪنهن به وقت ڪجهه به ٿي سگهي ٿو پاڪستان جي سياست ۾ اهو ڪجهه سهڻو پوندو آهي. جنهن جو سياسي باب ۾ ترجيترو تذڪرو به نه هوندو آهي. پاڪستان جون امڪاني ۽ ڪنهن وقت تبديل ٿي ويندڙ پاليسيون پاڪستان جي نه صرف سياسي پر معاشي بحران جو سبب آهن. جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته ڀارت جي پرڏيهي معاملن جي وزير ايس جي شنڪر کي گڏيل ڏينهن اهو بيان ڏيڻ جي جرئت ئي نه ٿئي ها ته پاڪستان جي ساک سندس معاشيات کان به هيٺ وڃي رهي آهي.

ڀارت جي پرڏيهي معاملن جي وزير جي شنڪر جهڙي ريت جارحيت واري ميزبانيءَ جو ڪردار ادا ڪيو آهي، ان سان ڀارت جو پنهنجو اميج به متاثر ٿيو آهي، ڇو ته ڪنهن به مهمان کي گهرائي پنهنجي ٺڏي تي ٻري سلوڪ جو نشانو بڻائڻ سان پنهنجي عزت ۽ آبرو مٿان سواليا نشان پيدا ٿيڻ هڪ فطري عمل آهي. ڀارت جي مودي حڪومت مسلمانن سان جيڪو سلوڪ اختيار ڪري ويٺي آهي، ان سان ڀارت جي وحدت وڏيڪ خطري ۾ پئجي وئي آهي. ڀارت جو آئين ڀلي سيڪيولر هجي پر ڀارت جي حڪومت ڪنهن به طرح سان سيڪيولر نه ڇا پر انساني حقن جي حوالي سان جمهوري حڪومت هجڻ جي حيثيت به وڃائي ويٺي آهي. موديءَ جي ڪاميابيءَ ۽ ڪانگريس جي ناڪاميءَ جو ڪردار ڪيترو آهي؟ ان سوال تمام اهم ۽ وسيع موضوع آهي، پر جنهن وقت ڀارت جي مودي سرڪار پاڪستان جي پرڏيهي معاملن جي وزير جي توهين ڪري رهي هئي، ان وقت ڪانگريس جي خاموشي بذات خود هن جي سياسي حق ۾ نه هئي.

سفارتڪاري ملڪن جي مفادن جي ماتحت رهندي آهي، پر سفارتڪاري سان ملڪي مفاد بهتر يا بدتر به ڪري سگهجن ٿا. سفارتڪاريءَ جي سلسلي ۾ ڪجهه دانشورن جو خيال آهي ته اها هڪ سائنس آهي. دانشورن جي ٻي ڌر ان کي آرٽ قرار ڏيندي آهي. جڏهن ته ٽين ڌر مطابق سفارتڪاري آرٽ به آهي ۽ سائنس به! زيڊ اي ڀٽو پرڏيهي پاليسيءَ جي سلسلي ۾ هڪ مثالي ڪردار رهيو آهي. هن پرڏيهي پاليسيءَ جي سلسلي ۾ اهڙا سنگ ميل قائم ڪيا، جيڪي هن وقت تائين پاڪستان جو ڪو به پرڏيهي معاملن جو وزير عبور نه ڪري سگهيو آهي. جيتوڻيڪ زيڊ اي ڀٽو هڪ چونڊيل حڪومت جو نه مڙهيل حڪومت جو پرڏيهي وزير هو پر پوءِ به هن اهو ڪجهه ڪيو جيڪو ڪجهه چونڊيل حڪومتن جا پرڏيهي معاملن جا وزير به نه ڪري سگهيا.

ڀارت جو دانشور وزير اعظم پنڊت جواهر لال نهرو به سفارتي معاملن ۾ ڪمال جو ڪاريگر هو سرد جنگ جي ڏينهن ۾ هن جي اڻ لاڳاپيل پاليسي (Nonaligned Policy) جا پڙاڏا پوري دنيا ۾ گونجيا هئا. نهروءَ کان پوءِ به ڀارت مجموعي طور تي پنهنجي پرڏيهي پاليسيءَ جي سلسلي ۾ متوازن ملڪ رهيو آهي. پر هن وقت ڀارت تي جيڪو هندو شائونزم جو ڀوت سوار ٿيو آهي، تنهن ڀارت کي نه صرف داخلي پر خارجي طور تي به خطرناڪ صورتحال طرف ڌڪڻ شروع ڪيو آهي. پاڪستان جي پرڏيهي معاملن جي وزير سان نارو سلوڪ ڀارت جي بهتر ماضيءَ جي مات ۽ بدتر حال جي جيت آهي. ڀارت کي محسوس ٿيڻ کپي ته هڪ ڀيانڪ مستقبل هن کي "نمستي" چئي هن جي آجيان ڪري رهيو آهي.

پاپوهي هيڪارَ، مون کان پُڇيو سَڄڻين:
آلَسـتُ بِرَبِّڪُم، چَيائون جنهن وارَ:
سَندي سورَ ڪِنارَ، تَنَ تَڏهانڪون نہ لهي.

تماشگاهه عدليه ۽ حڪمران

علي حسن

اڳوڻي اولهه پاڪستان هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جناب محمد رستم ڪياني (ايم آر ڪياني) ان دور ۾ جڏهن ايوب خان پاڪستان ۾ پهريون مارشل لا لاڳو ڪيو، پنهنجي تقريرن ۾ مارشل لا لاڳو ڪرڻ تي هلڪا ڦلڪا تبصرا ڪندو هو انڪري هو سڄي ملڪ ۾ مقبول ٿي ويو هڪ موقعي ايوب خان هڪ محفل ۾ خاص مهمان هو جتي جسٽس ڪياني به دعوتيل هو منتظمين ڪيس پڻ خطاب جي دعوت ڏني هئي. ان تقريب جو مختصر جائزو جسٽس ڪياني جي تقريرن جي هڪ مجموعي "افڪار پريشان" جي مهاڳ ۾ افتخار دراني ورتو آهي، جيڪو هيٺين ريت آهي:

"پورن پنجن مهينن ايوب خان تي سڀني پاسن کان ساراهه جو مينهن وسي رهيو هو جيڏانهن ويندو هو ان جي خدمت ۾ تعريف ۽ ساراهه جا نذرانه پيش ڪيا ويندا هئا. هو هر محفل ۾ خوشامدائي پذيرائي جو اهڙو ته هيراڪ ٿي ويو هو جو جسٽس ڪياني جو بي تڪلف لهجو ان جا چڀندڙ جملا ۽ پوءِ مارشل لا تي ان جي ڪري تنقيد ان جي لاءِ ناقابل برداشت ٿي وئي. ڪياني صاحب جي تقرير ختم ٿيندي ئي دير تائين تاڙيون وڄنديون رهيون، جنهن ڪري هو وڌيڪ تپي باهه ٿي ويو جيئن ئي هو جوابي تقرير لاءِ اٿيو ته ان جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو هو هن جي لهجي ۾ اهڙو جلال جو هو ڄڻ هو غدارن جي هڪ ٽولي کي سنڌن انجام تي پهچائڻ جو عزم ڪري چڪو هجي. هن سڀني کي اهو چئي ڇڏيو ته توهان هتي ويٺي هڪ ٻئي جي لطيفن مان چُس وٺي رهيا آهيو ۽ سرحد جي هن پار توهان جي تباهي جا منصوبا جوڙيا پيا وڃن. صرف اڌ ڪلاڪ ۾ دشمن جا جهاز توهان تي باهه وسائي سگهن ٿا ۽ توهان جي شهر ۾ ڪا اهڙي جڳهه هوندي جنهن کي محفوظ سمجهيو وڃي. اهڙي قسم جي دهشتناڪ صورتحال مان گذاري هن ڪياني صاحب جي مزيدار تقرير جو اثر زائل ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ جڏهن فضا تي هڪ گنڀير سنجيدگي طاري ٿي وئي ته هن ڪياني صاحب جي تقرير ۾ اٿاريل سوالن جو جواب نهايت تيز انداز ۾ ڏنو هن چيو "توهان ماڻهو تحقيقات ٿا گهرو. آئون چوان ٿو ته توهان کي ايڏو ته تحفظ حاصل آهي جو توهان کي غير محفوظ بڻائڻ کانسواءِ توهان جي ڪارڪردگي ٺيڪ ٿي نٿي سگهي. هڪ دفعي جيڪو سرڪاري ملازم ٿي ويو ان مان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ حڪومت لاءِ مشڪل بڻجي ويندو آهي، پوءِ ڀلي اهو ڪيڏو به نااهل ڇو نه هجي. سرڪاري کاتا هاڻي يتيم خانه بڻجي چڪا آهن. اسان کي اها صورتحال بدلائڻي پوندي". جڏهن اهڙي قسم جي ڌمڪين سان هن سڀني کي خوفزده ڪري ڇڏيو ته پوءِ هو ڪياني صاحب ڏانهن متوجهه ٿيو: "توهان پنهنجي تقرير لکڻ ۾ چڱي محنت ڪئي آهي ۽ مون کي اميد آهي ته توهان پنهنجا فيصلا به اهڙي محنت سان لکندا هوندا" ۽ پوءِ هن عدالت عاليه تي تنقيد ڪندي چيو ته هر پاسي ڪيسن جا ڍير لڳا پيا آهن. ماڻهو انصاف ۾ ٿيندڙ دير سبب پريشان آهن ۽ اهڙي طرح انتظاميه ۽ عدليه ٻنهي کي ٺڪائي لڳائڻ کانپوءِ جڏهن ايوب خان تقرير ختم ڪئي ته عجيب صورتحال هئي. گورنر سراٻيل هو سينيئر سرڪاري آفيسر ڪياني صاحب جي تلخ گوئي تي ندامت محسوس ڪري رهيا هئا. جونيئر آفيسر اهو سمجهي رهيا هئا ته ڪياني صاحب جي تقرير دوران کلڻ ۽ تقرير ختم ٿيڻ تي دير تائين تاڙيون وڄائڻ جي سزا ۾ ڪين معطل ڪيو ويندو. ايوب خان سڀني جي خبر وٺڻ کانپوءِ هڪ فاتح جي انداز ۾ ڪاڏي جي ميز تان اٿيو ۽ سول سروس اڪيڊمي جي وسيع لائونج ڏانهن روانو ٿيو ته سينيئر آفيسر ادب مان دائرو ناهي هن سان گڏ هليا. ايوب خان لائونج ۾ ويهڻ جي زحمت گوارا نه ڪئي. ڏهن ٻارهن منٽن تائين بيٺي بيٺي گورنر ۽ سينيئر آفيسرن سان ڳالهائيندو رهيو ۽ پوءِ هليو ويو، ان دوران ڪياني صاحب ڪمري جي ٻي حصي ۾ پنهنجي دربار لڳائي ورتي هئي.

جونيئر آفيسر ان جي چوڌاري گڏ ٿي ويا هئا ۽ هو انهن کي دلچسپ قصا ٻڌائي رهيو هو صدر جي وڃڻ کانپوءِ هن ڪوهاٽ جي هڪ پٺاڻ جو قصو ٻڌايو جنهن اڪبر جي دربار ۾ ان شرط تي پنهنجو خاص ساز وڄائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ته ٻهرين دربار جا مشهور فنڪار پنهنجن پنهنجن سازن تي ان جون پسنديده ڌنون وڄائين. اهي سڀ فنڪار پنهنجا ساز الڳ الڳ وڄائيندا هئا ۽ بادشاهه کان انعام وٺندا هئا. جڏهن بادشاهه جي حڪم تي سڀني هڪ ڌن وڄائي ته دربار ۾ آرڪيسٽرا جو لقاءُ پيدا ٿي ويو ان وقت پٺاڻ پنهنجو موسل (مهراڻ) کُلهي تي رکيو ۽ هڪ گڙان تي ڦيرائڻ لڳو ۽ اهڙي طرح پنهنجو موسل وڄائڻ ۾ محو ٿي ويو. ڄڻ اها سموري ڪيفيت ان جي فني ڪمال سان پيدا ٿي هجي. اهو لطيفو ٻڌائي ڪياني صاحب چيو ته ايوب خان گذريل پنجن مهينن کان پنهنجو موسل وڄائي رهيو آهي. توهان کي اهو اندازو ناهي ٿيو ته اهو سڄو ڪم توهان جي الغوزي، چنگ ۽ سرود جو آهي، هو گهڻي دير تائين جونيئر آفيسرن سان ڪچهري ڪندو رهيو جڏهن محفل ختم ٿي ۽ هو ڏاڪڻ تان هيٺ لهڻ لڳو ته هن مون ڏانهن ڪنڌ ورائي چيو "ايوب خان جي تقرير کي حرف آخر متان سمجهو هاڻي آئون ملڪ جي ڪُنڊ ڪڙڇ مان ۽ هر پليٽ فارم تان ڪيس جواب ڏيندس".

اها ڳالهه ڪياني صاحب جهيڙي لهجي ۾ پر هڪ عظيم عزم سان چئي هئي ۽ پوءِ سڀني ڏٺو ته هو آخر تائين انتهائي ڏکين حالتن ۾ حق جي ڳالهه چوڻ جو مقدس فرض ادا ڪندو رهيو ۽ هو ڪڏهن به پنهنجي ان مقصد تان پوئتي نه هٽيو. مارشل لا لڳڻ کان پهرين پڻ ڪياني صاحب پنهنجي شگفته بياني جي ڪري تمام مقبول مقرر هو. مختلف قسم جا ادارا ڪيس تقرير ڪرڻ لاءِ دعوتون ڏيندا هئا. هو جتي به ويندو هو پنهنجي هلڪي ڦلڪي انداز ۾ وڏيون ۽ گهريون ڳالهيون چئي ويندو هو ۽ ماڻهن جو ڌيان هميشه انهن بنيادي قدرن ڏانهن ڇڪائيندو هو جنهن کانسواءِ زندگيءَ جي ڪنهن به شعبي ۾ حقيقي ڪاميابي حاصل نٿي ڪري سگهجي، جيڪي دعوت نام ڪيس ملندا هئا هو خوشي سان انهن کي قبول ڪندو هو ۽ هر موقعي تي ايوب خان جي حرفِ آخر واري جواب تي اظهار ڪندو هو. هن جي تقرير ۾ اهم تبديلي اها آئي ته هو لاڳاپيل ادارن جي معاملن مان گذري قومي مسئلن تي ان جي بيباڪ تبصرن جو ذريعو بڻجي وئي. ڪجهه ئي عرصي ۾ صورتحال اها ٿي وئي جو ڪياني صاحب جي تقرير قوم جي دل جو آواز بڻجي وئي. هن ڪراچي کان پشاور تائين سفر ڪيا مختلف قسم جي تنظيمن کي خطاب ڪيو ۽ ڪو به اهم مسئلو اهڙو نه هو جنهن تي کليل نموني اظهار نه ڪيو هجي. هو پنهنجي زبان ۽ قلم سان جهاد ڪندو رهيو ايستائين جو 15 نومبر 1962 ع تي چٽاگانگ ۾ ان جي زندگي جو چراغ گل ٿي ويو".

هاڻي اها خبر ته عدالتِ عظميٰ عدالتي سڌارن جي قانون سپريم ڪورٽ (پريڪٽس اينڊ پروسيجر) ايڪٽ 2023 ع خلاف داخل ڪيل آئيني درخواستن تي اربع ڏينهن (3 مئي) ٻڌڻي دوران چيف جسٽس عمر عطا بنديال ريمارڪس ڏنا ته سياستدان انصاف نه پر من پسند فيصلا چاهين ٿا، هر ادارو سپريم ڪورٽ آڏو جوابده آهي، سياسي معاملن عدالت جو ماحول گدلو ڪري ڇڏيو آهي، سينيئر جج ۽ فل ڪورٽ جوڙڻ چيف جسٽس جو اختيار آهي. ان کانپوءِ ان ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي اڄ (8 مئي) تائين ملتوي ڪئي وئي آهي. هن چيو ته سپريم ڪورٽ جي هر جج جي عزت آهي. سڀ عدالتي فيصلن جا پابند آهن. جيڪڏهن عدالت جي ججن جي عزت نه ڪئي ويندي ته انصاف لاءِ نٿو چئي سگهجي. هن وڌيڪ چيو ته سياسي شخصيتون سپريم ڪورٽ کان انصاف نه پر من پسند فيصلا چاهين ٿيون، انگريزي "پڪ اينڊ چوز" جي ڳالهه ڪن ٿيون.

بقايا *** 01

ليڊرشپ طور اڳيان آڻڻ چاهي ٿي ان ڪري انهن کي متحد ۽ منظم ڪرڻ وارين ڪوششن ۾ رڌل رهي آهي اينڊ اليڪشن ۾ اسان جو نعرو هي آهي "ارب پتي سامهون عام ماڻهو" ته اسان انهن ئي ماڻهن کي ٽڪيٽ ڏينداسين. ڊاڪٽر شهناز خان وڌيڪ چيو ته اسان جي منشور ۾ اهم نڪتا وڏيرا شاهي، جاگيرداري ۽ سرمايه داري نظام ۽ لين جو خاتمو انڊسٽري هڻڻ رياست جي ذميواري هوندي. بيروزگاري جو خاتمو ۽ نوجوانن لاءِ جامع پاليسي ناهڻ گهٽ ۾ گهٽ آمدني هڪ لک ڪرڻ، عورتن لاءِ تعليم، تربيت ۽ روزگار جا دروازا کولڻ زراعت کي جديد بنيادن تي آرگنائيز ڪرڻ، پروگريسو ٽيڪس جو نظام قائم ڪرڻ، مضبوط لوڪل گورنمينٽ سسٽم وغيره شامل آهن ان لاءِ اسان غريب ۽ مڊل ڪلاس پورهيتن کي دعوت ٿا ڏيون ته برابري پارٽي ۾ شامل ٿي پنهنجي حقن لاءِ جدوجهد ڪن ڪنوينشن ۾ سنڌ جي مختلف ضلعن کان آيل پارٽي اڳواڻن اختيار احمد سومرو، ڊاڪٽر علي اصغر ميمڻ، زينت ڀٽي، واصف علي عابدي، جميل شيخ، عبدالنبي ابڙو، علي حيدر مگسي، عبدالڪريم شر، محمد يوسف لغاري، مظهر جعفر، ڊاڪٽر برڪت اهلل اعجاز ٻٽ، سيتا اوڊ، جميل جاگيراڻي، محمد يعقوب ڪلوئي، حسنين حيات عبدالقيوم ڪيريو، گلزار احمد شر، سجاد علي گورو، انيس الرحمان شر، جمن انصاري، الطاف حسين شورو، راشد علي ابڙو، احسان مهر، محمد حسن خاصخيلي، ايڊووڪيٽ شنڪر لال، ايڊووڪيٽ سهيل باگراڻي ۽ ارشد گورو خطاب ڪيو ۽ ان کان عالوه پارٽي پروگرام، تنظيم سازي، ۽ اينڊ اليڪشن جي حوالي سان ڀرپور بحث مباحثو ڪيو ويو ۽ فيصلو ٿيو ته اليڪشن کان اڳ برابري پارٽي کي منظم ڪرڻ واري ڪم تيز ڪيو ويندو ۽ اليڪشن ۾ ڀرپور حصو وٺڻ جو فيصلو ڪيو ويو ان کان عالوه پارٽي ورڪرن مٿان ذميواري رکي وئي ته هو پنهنجي علائقي جي عوام جي مسئلن تي عوام سان گڏجي جدوجهد ڪن.

بقايا *** 02

جسٽس منيب اختر، جسٽس مظاهر نقوي، جسٽس محمد علي مظهر، جسٽس عائشه ملڪ، جسٽس حسن اظهر رضوي ۽ جسٽس شاهد وحيد بينچ جو حصو آهن وفاقي حڪومت ڪيس کي فل ڪورٽ جي سامهون مقرر ڪرڻ جي باقاعده درخواست داخل ڪئي آهي. درخواست ۾ وفاقي حڪومت سپريم ڪورٽ جي سمورن ججن تي مڪمل اعتماد جو اظهار ڪيو آهي. سپريم ڪورٽ گذريل ٻڌڻي ۾ سمورين ڌرين کي لکت ۾ جواب جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪئي هئي. عدالت اٽارني جنرل کان پارليامينٽ جي ڪارروائي ۽ قائم ڪميٽين جو رڪارڊ به طلب ڪيو هو اڄ ٻڌڻي جي شروعات تي اٽارني جنرل منصور عثمان فل ڪورٽ ناهڻ جي استدعا ڪري ڇڏي، مسلم ليگ(ن) جي وڪيل صلاح الدين احمد چيو ته اسان به درخواست ۾ فل ڪورٽ جي استدعا ڪئي آهي. جسٽس اعجازالاحسن چيو ته اوهان جي درخواست کي اڃان تائين نمبر الاٽ نه ٿيو آهي فواد چوڌري چيو ته سياسي ڌرين جو نوٽيس آهي ان لاءِ پي ٽي آءِ طرفان مان موجود آهيان چيف جسٽس اٽارني جنرل کان سوال ڪيو ته ڇا اوهان دستاويز جمع ڪرائي ڇڏيا آهن؟ ان تي اٽارني جنرل چيو ته اميد آهي ته سڀاڻي تائين پارلياماني ڪارروائي جو رڪارڊ ملي ويندو اسپيڪر آفيس سان باضابطه ۽ غير رسمي طور تي به رابطو ڪيو آهي. فل ڪورٽ جي لاءِ دليل ڏيندي اٽارني جنرل منصور عثمان اعوان چيو ته سپريم ڪورٽ جا رولز فل ڪورٽ جوڙي ڇڏيا هئا. سپريم ڪورٽ پريڪٽس رولز ۾ ترميم به فل ڪورٽ ئي ڪري سگهي ٿي عدليه جي آزادي ۽ رولز بابت ڪيس به فل ڪورٽ کي ٻڌڻ گهرجي سپريم ڪورٽ اٽارني جنرل کي پارلياماني ڪارروائي جو رڪارڊ سڀاڻي تائين جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏيندي ڪيس جي ٻڌڻي 3 هفتن جي لاءِ ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا *** 03

نقوي جي اثاثن جي جاچ جي اجازت ڏني جڏهن ته صرف پي ٽي آءِ جي سينيٽر محسن عزيز جي اثاثن جي جاچ ڪرڻ جي مخالفت ڪئي.ان موقعي تي نور عالم خان چيو ته هو جسٽس مظاهر يا ڪنهن ٻئي جج مسئلو نه آهي اهو ڪرپشن جو مسئلو آهي ان لاءِ نه ڪيس نه ڇڏينداسين جيڪڏهن منهنجي پٽ ڌيءُ ۽ ٻارن جا به اثاثا آمدني کان وڌيڪ آهن ته انهن جو به پيچو ڪنداس پي اي سي جسٽس مظاهر نقوي جي آمدني ۽ اثاثن جا تفصيل 15 ڏينهن ۾ طلب ڪري ورتا جسٽس مظاهر نقوي جي ٽيڪس ريٽرن ۽ ويلٿ اسٽيٽمينٽ جو رڪارڊ به گهري ورتو پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي وزارت هائوسنگ کان جسٽس مظاهر نقوي کي ڏنل پلاٽس جا تفصيل ۽ وڪرو ڪيل زمين، پلاٽس جو رڪارڊ ۽ پرڏيهي ملڪن جي سفرن جا تفصيل به طلب ڪري ورتا.ڪميٽي جي چيئرمين هدايت ڪئي ته آڊيٽر جنرل مظاهر علي نقوي جي پلاٽس جي ڪيٽيگريز جي جاچ ڪري رپورٽ جمع ڪرائي ۽ نادرا جسٽس مظاهر علي نقوي جي خاندان ۾ شامل ماڻهن جي نالن جي لسٽ ڏئي.هن چيو ته جيڪڏهن اينڊ پي اي سي اجلاس ۾ چيف سيڪريٽري نه آيو ته ان جا گرفتاري وارنٽ جاري ڪندس. پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي جي اجلاس ۾ ناڻي وارو سيڪريٽري، گهرو سيڪريٽري، چئني صوبن جا چيف سيڪريٽري نه آيا جڏهن ته نيب چيئرمين ۽ چيئرمين نادرا به غير حاضر رهيو پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي جي چيئرمين نور عالم سيڪريٽري جي شرڪت نه ڪرڻ تي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته آئنده اجلاس ۾ چيف سيڪريٽريز نه آيا ته انهن جا گرفتاري وارنٽ جاري ڪندس. مون وٽ ڪافي شاهديون آهن ڏسڻ چاهيان ٿو ته آفيسر ڪيترا مخلص آهن ياد رهي ته قومي اسيمبلي جسٽس مظاهر نقوي جي آمدني ۽ اثاثن جي جاچ جو معاملو پي اي سي جي حوالي ڪيو آهي.

بقايا *** 04

ادارن جي نئين چونڊ ۾ پ پ جي ڪاميابي عوام جي اعتماد جو اظهار آهي. پ پ بنا ڪنهن فرق جي ڪراچي جي رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن. سنڌس چوڻ هو ته ڪراچي جي روڊن، انڊر پاسن، فلائي اوورز، اسپتالن ۽ نيڪالي نظام کي پ پ اوليت جي بنياد تي تعميرڪيو. پاڪستان پ پ آدمشماري تي عوام جي مفاد جو واضح موقف اختيار ڪيو. پ پ ڪراچي جي عوام جي حقن جي جنگ کليل دل سان وڙهي آهي. سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه چيو ته سنڌ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي جيالن جو صوبو آهي. ڪراچي جو ميئر پيپلزپارٽي جو ٿيندو، جيڪو هن شهر جي ڀرپور خدمت ڪندو هن چيو ته حيدرآباد، سکر، ميرپورخاص ۽ لاڙڪاڻي جا ميئر به پيپلزپارٽي جا ميمبر هوندا. وڏي وزير مراد علي شاهه چيو ته سنڌ جي سمورن ضلعي ڪائونسلن جا چيئرمين به شهيد محترمه بينظير ڀٽو جا جيالا ٿيندا. وڏي وزير مراد علي شاهه چيو ته ڪراچي ۾ امن امان جي بحالي لاءِ پيپلزپارٽي وڏا قدم کنيا، جنهن سبب شهر امن جو گهوارو بڻجي ويو آهي. وڏي وزير ڪراچي جي عوام جا ٿورا مڃيندي چيو ته هو ڪراچي جي عوام جا ٿورائتا آهن جن اعتماد ڪري ڪيس وڌيڪ خدمت ڪرڻ جو اختيار ڏنو. سنڌس چوڻ هو ته سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ٻوڏ واري صورتحال ۾ پيپلزپارٽي جي قيادت ۽ حڪومت عوام سان گڏ بيٺل رهي، هارين جي بحالي لاءِ ربيع جي فصل لاءِ ٻج جي صورت ۾ مالي مدد ڪئي ۽ هاڻي گهر ناهڻ جي واعدي تي به ڀرپور نموني عمل ڪيو پيو وڃي.

بقايا *** 05

هئا.هن چيو ته سنڌ جي عوام پاڪستان پيپلزپارٽي تي ڀرپور اعتماد جو اظهار ڪيو آهي پيپلز پارٽي سڄي سنڌ ۾ ڪاميابي ماڻي ۽ عوام آصف علي زرداري، چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، پيپلزپارٽي جي قيادت ۽ سنڌ حڪومت تي ڀرپور اعتماد جو اظهار ڪيو.ڪراچي جي شهرين پيپلزپارٽي کي ووٽ ڏئي ڀرپور اعتماد جو اظهار ڪيو.هن چيو ته ڪراچي ۾ تمام گهڻا ترقياتي ڪم ٿي رهيا آهن، فليون ۽ انڊر پاسز ٺهي رهيا آهن. ڪچرو کنيو پيو وڃي، نيون بسون هلي رهيون آهن ۽ بيا ترقياتي ڪم به ٿي رهيا آهن.انڪارڪرڻ، جو نتيجو آهي ته ڪالهه عوام پيپلز پارٽي جي حق ۾ ووٽ ڏنو شرجيل انعام ميمڻ چيو ته بلاول ڀٽو ايس سي او ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ ڀارت ويو هو هن چيو ته پاڪستان سفارتڪاري جي قدر ڪندڙ هڪ سنجيده ملڪ آهي هن چيو ته شاهه محمود قريشي کان ڪنهن پڇيو ته بلاول کي ڀارت وڃڻ گهرجي، قريشي صاحب چيو ته بلڪل وڃڻ گهرجي. پاڪستان جي پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري ڪشمير جو موقف ڀرپور نموني سان اٿاريو پي ٽي آءِ جا بيا اڳواڻ بلاول ڀٽو جي دوري تي تنقيد جو نشانو بڻائيندا رهيا . هن چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڪشمير سميت سمجهوتا ايڪسپريس دهشتگردي تي پاڪستان جو سگهارو موقف پيش ڪيو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي جرئت ۽ بهادري ڏسو ته حڪمران پارٽي بي جي پي هڪ ملڪ جي پرڏيهي وزير جي سر جي قيمت رکي هئي. پر ان جي باوجود چيئرمين بلاول ڀٽو اتي ويو ۽ گجرات جي قصائي ملڪ ۾ پاڪستان جو موقف پيش ڪيو سنڌ جي سڏ سماء واري وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته پي ٽي آءِ ڀارت ۽ اسرائيل کان فنڊنگ وٺندي آهي. عمران خان چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي دوري ۽ ڀارت جي فنڊنگ تي تنقيد ڪئي. ڀارت به چاهي ٿو ته پاڪستان جو پرڏيهي وزير ايس سي او ۾ شرڪت نه ڪري ۽ پي ٽي آءِ جو مرڪزي اڳواڻ به اهوئي چاهين پيا هن چيو ته عمران خان ڀارت سان وفاداري ڪئي ۽ پاڪستان سان غداري ڪئي. ڪنهن بيوقوف کي ڇا خبر ته پرڏيهي لاڳاپا ڪيئن نڀايا ويندا آهن شرجيل انعام ميمڻ چيو ته عمران خان جي دور ۾ پاڪستان اڪيلائي جو شڪار ٿيو عمران خان دوست ملڪن کان مليل تحفا وڪرو ڪري ڇڏيا. هن چيو ته پي ٽي آءِ وارا بلاول ڀٽو جي دوري تي تنقيد ڪندا رهيا. اهي چاهين ٿا ته ملڪ بدامني جو شڪار ٿئي هن چيو ته محسوس ٿي رهيو آهي ته عمران خان عدالتن پاران لاڏلو رکيو پيو وڃي. تاريخ جي سڀ کان وڌيڪ تڪراري جج جسٽس ثاقب نثار عمران خان کي رعايتون ڏنيون. مخالف ڌر جي اڳواڻن خلاف اهڙا ريمارڪس ڏنا جي عوام ۾ تاثر پيدا ٿئي ته عمران خان کان سواءِ سمورا ماڻهو خراب آهن هن چيو ته ثاقب نثار عمران خان لاءِ من پسند فيصلا وٺندو رهيو ۽ مائيڪرو مئنيجمينٽ سرانجام ڏئي رهيا آهن هن چيو ته ثاقب نثار ۽ سنڌس پٽ پي ٽي آءِ جون ٽڪيٽون وڪڻي رهيا آهن. ثاقب نثار جي هن عمل مان واضح ٿئي ٿو ته سنڌس فيصلا به تڪراري هئا.هنن مطالبو ڪيو ته سنڌس مطالبو آهي ته فيصلا واپس ورتا وڃن ۽ سنڌن فيصلن جي جاچ لاءِ ڪميشن جوڙي سنڌس فيصلن جي انڪوائري ٿيڻ گهرجي هن چيو ته توشه خانا ڪيس ۾ نيب عمران خان ۽ سنڌس گهرواري کي نوٽيس جاري ڪيا آهن جنهن تي عمران خان عدالت پهچي ويو، لاڏلي خلاف نوٽيس کي غير قانوني قرار ڏيندي چيو ويو ته نيب کي سڏائڻ جو اختيار ناهي.انصاف جي هن ٻٽي معيار تي انهن ماڻهن جو احتساب ڪير ڪندو جيڪي سالن کان نيب جي حراست ۾ رهيا. 90. 90 ڏينهن ريمانڊ ۾ رهيا ۽ قيد ۾ مري ويا. لاڏلو ڪنهن به صورت ۾ قابل قبول ناهي هن چيو ته جسٽس وقار سيٺ چيو هو ته پي ٽي آءِ بابت نيب ۽ ايف آءِ اي کي انڪوائري ڪري پر انڪوائري بدران اسٽي آرڊر جو رليف ڏنو ويو هن چيو ته عمران خان نٿو چاهي ته پرڏيهي فنڊنگ ڪيس ۾ به سندس تلاشي ورتي وڃي. هو توشه خاني ۾ به حساب نٿو ڏيڻ چاهي جڏهن پوليس لاڏلي کي گرفتار ڪرڻ لاءِ وئي ته سندس ڪارڪن پوليس تي حملو ڪري، پٽرول بم اڇلائيندا. لٺيون هلائيندا ٿا. پيٽرول بم اڇلائيندا. عمران خان لاءِ هڪ قانون ۽ ٻين لاءِ ٻيو قانون قابل قبول ناهي. قانون سڀني لاءِ برابر هجڻ گهرجي.هن چيو ته ڀارت ۾ چونڊن دوران پي ٽي آءِ ميمبر نريندر مودي جي ڪاميابي لاءِ دعائون گهري رهيا هئا. عمران خان سندس حمايت ۾ مهم هلائي رهيو هو ۽ ٽوئيٽ ڪري رهيو هو لنڊن جي ميئر جي چونڊن دوران پاڪستاني اميدوار صادق خان جي مقابلي ۾ عمران خان گولڊ اسمٿ جي نه صرف کليل حمايت ڪئي پر فنڊنگ پڻ ڪئي عمران خان جي حمايت جون نيون روايتون ناهيون پيون وڃن هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته هٿ جوڙڻ انڪساري ۽ عاجزي جو اظهار ۽ سنڌ جي ثقافت آهي ڪنهن جي عاجزي. انڪساري ۽ احترام ۾ هٿ ٻڌڻ تي تنقيد ڪرڻ وارو ڪوئي گهٽ عقل وارو ئي سگهي ٿو بي پرواهه ۽ عاجزي سان هٿ ملائڻ سنڌ جي ثقافت آهي ۽ اسان مرڻ گهڙي تائين ان ثقافت جي حفاظت ڪنداسين هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته جماعت اسلامي جو ڪم رڳو ڪوڙ ڳالهائڻ آهي جيڪي پيسا جماعت اسلامي پنهنجي پبلسٽي تي خرچ ڪيا اهي ڪراچي جي عوام تي خرچ ڪيا ويا. هن چيو ته ڪالهه ساڳي وقت جماعت اسلامي جي امير پريس ڪانفرنس ڪندي ماڻهن کي ووٽ ڏيڻ لاءِ ٻاهر نڪرڻ جو چيو جيڪو اصل ۾ چونڊ قانون جي ڀڃڪڙي آهي ۽ ان ڳالهه کي به تسليم ڪيو ويو ته توهان کي ووٽ نه پيا ملن. توهان هارائي رهيا هيو.

بقايا *** 06

ڪميشن طارق آفريدي کي پشاور هاءِ ڪورٽ جو ايڊيشنل جج مقرر ڪرڻ جي منظوري ڏني جوڊيشل ڪميشن جي سفارش باوجود طارق آفريدي کي ايڊيشنل جج مقرر نه ڪيو ويو ڇو ته پارلياماني ڪميٽي طارق آفريدي جي انٽيليجنس ايجنسيز جي رپورٽ تي نامزدگي رد ڪئي. انٽيليجنس رپورٽ موجب طارق آفريدي جي ساک سٺي نه آهي سپريم ڪورٽ ۾ ٻڌڻي دوران جسٽس اطهر من الله سوال اٿاريو ته انٽيليجنس ادارا ججز جي مقرريءَ کي ڪيئن ڪنٽرول ڪري سگهن ٿا؟ ان سان ته عدليه جي آزادي اثر پوندي پارلياماني ڪميٽي جي پيشه ورانه صلاحيت بجاءِ انٽيليجنس رپورٽ جي روشني ۾ فيصلو ڪيو چيف جسٽس پاڪستان عمر عطا بنديال چيو ته عدالت معاملي جو قانوني حيثيت سان جائزو وٺندي ڇا پارلياماني ڪميٽي جوڊيشل ڪميشن جي سفارش کي رد ڪري سگهي ٿي؟ اٽارني جنرل کي عدالت جي مدد لاءِ گهرائي ٿا ڏئون سپريم ڪورٽ اينڊ ٻڌڻي تي معاونت لاءِ اٽارني جنرل کي طلب ڪري ورتو چيف جسٽس جي سربراهي ۾ 3 رڪني بينچ ٻڌڻي هڪ مهيني لاءِ ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا *** 07

جي ريڊ وارنٽ لاءِ ڪيل لکپڙهه آرٽيڪل 3 جي ڀڃڪڙي آهي ليگل ٽيم چيو آهي ته ريڊ نوٽيس جي درخواست ميڊيا تي جاري ڪري توهين ڪئي وئي اهڙا ريڊ وارنٽ جاري ڪرڻ سان ملڪ جي بدنامي ٿيندي آهي ليگل ٽيم انٽرپول کان درخواست ڪئي آهي ته ريڊ وارنٽ جي لاءِ بيهر خط لکيو وڃي ته سخت ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا *** 08

تي پارلياماني ڪارروائي جو رڪارڊ طلب ڪرڻ تي حڪومت عدالت کي رڪارڊ نه ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي.اٽارني جنرل آفيس طرفان پارلياماني ڪارروائي لاءِ گهربل رڪارڊ جي لاءِ اسپيڪر آفيس کي خط لکيو ويو آهي حڪومتي ذريعن موجب پارلياماني ڪارروائي جي رڪارڊ جو اسيمبلي جو اسپيڪر ڪسٽوڊين آهي ان لاءِ ان جو ڪوبہ جواز نه آهي ته پارليامينٽ جي ڪارروائي جو رڪارڊ ڏنو وڃي ياد رهي ته عدالت سڳوري گذريل هفتي 2 مئي تي سپريم ڪورٽ بل بابت پارلياماني ڪارروائي جو رڪارڊ طلب ڪيو هو هوڏانهن سپريم ڪورٽ قائم ڪميٽي ۾ ٿيندڙ بحث جو رڪارڊ به طلب ڪندي ٻڌڻي اڄ تائين ملتوي ڪئي هئي سپريم ڪورٽ ڪيس جي سلسلي ۾ سياسي پارٽين ۽ وڪيل تنظيمن کان 8 مئي تائين جواب طلب ڪيو هو.

بقايا *** 09

حڪومت کان عمران خان خلاف ڪيسز بابت تفصيلي رپورٽ طلب ڪري ورتي لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ جسٽس علي باقر نجفي جي سربراهي ۾ پنج رڪني لارجر بينچ پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان خلاف 121 ڪيسن ۾ ڪارروائي کان روڪڻ جي درخواست تي ٻڌڻي ڪئي عمران خان جي وڪيل ٻڌايو ته عدالتي حڪم تي جي آءِ ٽي کي عمران خان تائين پهچ ڏني وئي جنهن مختلف ڪيسن ۾ جاچ ڪئي ٽيم عمران خان بابت سمورن ڪيسن ۾ جاچ ڪئي جسٽس علي باقر نجفي پڇيو ته جاچ جي آءِ ٽي رپورٽ عدالت ۾ جمع ڪرائي آهي. سرڪاري وڪيل ٻڌايو ته اڃان تائين جاچ رپورٽ اسان تائين ناهي پهتي. جسٽس علي باقر نجفي چيو ته لڳي ٿو ته اوهان اسان جي حڪم کي سنجيده ناهي ورتو عدالت پنجاب حڪومت کي هدايت ڪئي ته عمران خان ڪيترن ڪيسن ۾ نامزد آهي ان جي رپورٽ ڏني وڃي جن ڪيسز ۾ عمران خان پوليس کي گهربل آهي انهن جا تفصيل به عدالت کي ٻڌايا وڃن جسٽس علي باقر نجفي ريمارڪس ڏنا ته جيڪڏهن عمران خان بيگناهه آهي ته پوليس ڪيس ڪيسن مان ڊسچارج ڪري جيڪڏهن هو ڏوهاري آهي ته چالان ڪٽيو وڃي جنهن کان پوءِ عدالت عمران خان جي درخواستن تي ٻڌڻي 12 مئي تائين ملتوي ڪري ڇڏي. ياد رهي ته عمران خان 121 ڪيسن جي ڪارروائي روڪڻ جي درخواست داخل ڪئي آهي. ان کان علاوه پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان 121 ڪيسن کي گڏ ڪرڻ جي گڏيل درخواست به داخل ڪئي آهي.

بقايا *** 10

اجلاس جون ۾ گهرائڻ جي تجويز سامهون آئي آهي. ذريعن موجب وفاقي حڪومت آخري بجيٽ ۾ عوام کي ڀرپور رليف ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي. پيٽرول ۽ ڊيزل سستو ڪرڻ جو امڪان آهي. حتمي فيصلو وزيراعظم اتحادي جماعتن سان مشاورت ڪانپوءِ ڪندو. ذريعن جو چوڻ آهي ته اسحاق ڊار اتحادي جماعتن جي مشاورت سان بجيٽ تيار ڪندو. نئين بجيٽ جي تياري ۾ آءِ ايم ايف جا خدشا به نظر ۾ رکيا ويندا. ذريعن موجب بجيٽ جي حوالي سان جيڪي تجويزون آهن. انهن ۾ سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ 50 سيڪڙو ۽ پينشن ۾ 30 سيڪڙو واڌ ڪئي ويندي، جڏهن ته پورهيت جي گهٽ ۾ گهٽ اجرت 40 هزار ڪئي ويندي. ذريعن جو چوڻ آهي ته اتحادي جماعتن سان گڏجي ترقياتي فنڊن تي به اهم فيصلا ڪيا ويندا.

بقايا *** 11

پارٽي جي اميدوارن کي ڪاميابي ڪرايو. 15 جنوري جي چونڊن کان اڳ مون دعويٰ ڪئي هئي ته ڪراچي جو ميئر پيپلز پارٽي جو ٿيندو ڪراچي وارن ڏٺو بلاول ڀٽو زرداري جيڪو واعدو ڪيو ان کي وفا ڪيو تعليم کاتي ۾ ميرٽ تي ڪراچي ۽ حيدرآباد جي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي عزت وارو روزگار مليو اعلان عمران خان ڪيو بسون پيپلز پارٽي آنديون ڪلائيمينٽ چينج ٿيو ريسڪيو 11222 جي شروعات پيپلز پارٽي ڪئي ٿي وڏا اسپتال ته هيا پر دل جا ڪورنگي لانڍي وارن ڏٺو هڪ وڏو اسپتال جو سنگ بنياد رکيو ويو، ڪراچي وارن ڏٺو هڪ طرف پ پ جيڪا روزگار ڏيارڻ واري ترقي ڏيندي آهي پاڪستان جو مقدمو دنيا جي اڳيان رکندا آهن ٻئي طرف خوشي جون ڳالهيون آهن ۽ عملي ڪم ناهي. ماڻهن چيو ته اسان کي هڪ اهڙو ليڊر گهرجي جنهن جي قول ۽ فعل ۾ تضاد نه هجي ۽ هو بلاول ڀٽو زرداري آهي. بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته ڏينهن ماڻهن ڪراچي جي اهم روڊن جي بهتر ٿيندا ڏٺو جنهن ۾ ڪورنگي سينٽرل ڪاريڊور، ڪٽي پاڙي ۽ سي آءِ پل گلستان جوهر فلائي اوور ٺهڻا ٿيندو آهي. مليرضلعي ۾ انڊر پاسز گرائونڊ ٺهندو آهي. هاڻي مليرنڊر ڪالابورڊ جا روڊ تعمير ٿيندي ڏسي رهيا آهن ائين ئي عوام پريس ڪلب تي به ريگل چوڪ تي احتجاج ڪندا هئا. هاڻي چيئرمين تي اعتمادي جو اظهار ڪيو آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته جماعت اسلامي جي مينڊيٽ تي انڪوائرين گهرجي _اسلامي، ڪهڙن سماجي تنظيمن جي فلاحي امداد ڪي سياست لاءِ استعمال ڪيو وڃي. لياري ۽ جماعت اسلامي کي هڪ سيٽ ڏني وڃي هئي لياري وارن ڏٺو ته چاڪيواڙه روڊ ڪنهن ناهيو پيپلزپارٽي ناهيو ڪنري روڊ شير شاهه روڊ ڪير ناهي رهيو آهي پيپلز پارٽي ناهي رهي آهي. اڄڪلهه گرائونڊ جو دورو ڪيو هڪ مختلف منظر پيش ڪري پيو جتي سياڏرندي جي. اتي گرائونڊ ناهيو ويو آهي اندر گرائونڊ رانديون ڪيڏيون پيون وڃن. شهر ۾ ترقي جو سفر جاري رهندو بئريسٽر مرتضيٰ وهاب جو چوڻ هو ته هن شهر جي سمورن جماعتن کي ملي ڪري چارٽر آف سٽي تي متفق ٿيڻ گهرجي ڪراچي جي ترقي لاءِ اسان سڀني جي گڏجي ويهڻ لاءِ تيار آهيون بار گٽر ۾ ٻڌيا پاڻوري ماڻهو گٽر جا ڍڪڻ کٽي ويندا آهن علائقي واسي ان تي نظر رکن اسان سڀ ان جا ذميوار آهيون نشاني ماڻهن وڏو تنگ ڪيو آهي.هاڻي انهن جو ڪوئي بندوبست ڪرڻو پوندو بيريسٽر مرتضيٰ وهاب هڪ سوال جي جواب ڏيو چيو ته هاڻي مان چوان ٿو ته سيوريج جا ڍڪڻ نشي جا عادي ماڻهو ڪٽي ڪري ويندا آهن ڪوئي نه چاهيندو ٿو ته اهڙا واقعا نه ٿين اسان جي سامهون ماڻهو لوهه ڪٽي ڪري ڪٽي ويندا آهن اسان ناهيون روڪيندا نه پوليس کي گهرائيندا آهيون سڀني کي پنهنجو پنهنجو ڪردار ڪرڻو پوندو نشي جا عادي ماڻهن کي لوهه ڪٽڻ جي ويڊيو نهي رهي آهي پر اسان کي ذميواري پوري ڪرڻ گهرجي 31 ڊسمبر تي بلاول ڀٽو زرداري اعلان ڪيو هو ته ڪراچي جو ميئر جيالا هوندو. هن 18 آڪٽوبر تي اهو به اعلان ڪيو هو ته ڪراچي جي ميئر ٿيڻ جو ٻهريون حق پيپلز پارٽي جو آهي. چاڪاڻ ته پيپلز پارٽي جو وڏو انگ پيپلز پارٽيوٽ آهي هن چيو ته ماضي ۾ منهنجي پارٽي مونکي موقعو ڏنو ايڊمنسٽريٽر بڻيس. ڪائنس گهڻو ڪجهه سکيو پارٽي جيڪا به ذميداري ڏيندي، ان تي ڪم

بقايا *** 12

سان ڳالهائيندي احسن اقبال چيو ته آءِ ايم ايف جو معاهدو حتمي مرحلي ۾ داخل ٿي چڪو آهي، جنهن کانپوءِ رپئي جو قدر مستحڪم ٿيندو هن چيو عمران خان کي اهو ڏک آهي ته حڪومت کي به ٽي مهينا ملي ويا ته معيشت سنڀالڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندي، روس کان سستو تيل جلد پاڪستان اچڻ وارو آهي. سنڌس چوڻ هو ته عمران خان چين جي پرڏيهي وزير جي دوري تي احتجاجي مظاهرن جو اعلان ڪيو آهي، عمران خان جي سياست جو مقصد اهو رهجي ويو آهي ته سي پيڪ منصوبي کي ڊي ريل ڪيو وڃي.

بقايا *** 13

۾ ميٽرڪ جا امتحان شروع ٿي ويا آهن ذريعن موجب امتحانن دوران ڪاپي جي ڌم مچل آهي. جڏهن ته مختلف هنڌن تي پيپر آئوٽ ٿي ويو ۽ انتظاميا ڪاپي تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي. ذريعن موجب، صوبي جي مختلف امتحاني سينٽرن ۾ ڪاپي جي ڌم مچل رهي. جڏهن مختلف شهرن ۾ امتحاني پيپر شروع ٿيڻ کان اڳ فوٽو اسٽيٽ تي ڪاپي جي صورت ۾ موجود رهيو ڪاپي جي روڪٿام لاءِ ٽيمن پاران امتحاني سينٽرن جو دورو ڪيو ويو پيپرن دوران ڪنهن به اڻٽرندڙ واقعي کي منهن ڏيڻ لاءِ سڪيورٽي سخت ڪندي پوليس اهلڪار مقرر ڪيا ويا.

بقايا *** 14

چيئرمين بلاول ڀٽو ۽ سنڌس وزيرن تي ڪراچي جي عوام جي اعتماد جو مظهر آهي اهڙن خيالن جو اظهار هن اڄ علي هائوس ڪراچي ۾ مسئلن جي حوالي سان آيل مختلف وفدن ۽ ماڻهن سان ڳالهائيندي ڪيو ان موقعي تي مڪاني ادارن واري وزير چيو ته ڪراچي جي مڪاني چونڊن ۾ شاندار ڪاميابي تاريخي فتح آهي ان سلسلي ۾ مان پارٽي قيادت ۽ کٽيندڙ اميدوارن کي مبارڪباد ڏيان ٿو ۽ ڪراچي جي شهرين جو ٿورائتو آهيان جو انهن پيپلز پارٽي تي اعتماد ۽ ووٽ ڏنو هن چيو ته تاريخي فتح تي پارٽي ڪارڪنن ۽ مقامي قيادت جي محنت خراج تحسين جي لائق آهي ان موقعي تي سيد ناصر حسين شاهه چيو ته پيپلز پارٽي جو ميئر ئي شهرين جي مسئلن جو حل آهي ۽ انشاءَ الله ڪراچي جا مسئلا ميئر ئي حل ڪندو صوبائي وزير چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو جي ويزن موجب مڪاني ادارن ذريعي عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا پيا وڃن سڄي سنڌ ۾ ترقياتي ڪم تيزيءَ سان جاري آهن. جڏهن ته سمورن مڪاني ادارن کي خاص هدايتون ڪيون ويون آهن ته آفيسن ۾ ايندڙ ماڻهن سان سٺي سلوڪ ۽ مسڪراهٽ سان مسئلا حل ڪن ۽ ايندڙ ماڻهن جا مسئلا حل ڪيا وڃن. شڪايتن جو ازالو ڪيو وڃي ۽ انهن جي رهنمائي پڻ ڪئي وڃي. سيد ناصر حسين شاهه چيو ته سنڌس آفيس سنڌ سيڪريٽريٽ ۽ علي هائوس ڪراچي ۾ عوام جا مسئلا بنا ڪنهن فرق جي حل ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي پئي وڃي چاڪاڻ ته چيئرمين بلاول ڀٽو جي هدايت ۽ ويزن پڻ آهي ته عوام جا مسئلا بنا ڪنهن فرق جي حل ڪيا وڃن انهن کي هر ممڪن رليف ڏنو وڃي.

بقايا *** 15

سميت سمورا ضلعي چيئرمين جيالا هوندا بلاول ڀٽو پنهنجي بيان ۾ چيو ته ڪراچي کان ڪشمور تائين عوام پي پي تي اعتماد ظاهر ڪيو هن چيو ته ڪاميابي عوام جي اعتماد، اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي قربانين ۽ جيالن جي محنت جو ثمر آهي بلاول ڀٽو چيو ته جيالن جي ڪلهن تي ذميواريون وڌي ويون. عوام جي بنا فرق خدمت ئي اسان جو منشور آهي.

بقايا *** 16

کي طلب ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي.قومي اسيمبلي جي اسپيڪر راجا پرويز اشرف طرفان جوڙيل خصوصي ڪميٽي اڳوڻي چيف جسٽس ثاقب نثار، سنڌس پٽ ۽ پي ٽي آءِ جي ٽڪيٽ هولڊر کي طلب ڪيو آهي.ڪميٽي جي ٻهرين اجلاس سڀاڻي ٿيندو ان حوالي سان اسلم ڀوٽاڻي چيو آهي ته ثاقب نثار کي پنهنجو دفاع يا موقف رکڻ جو ڀرپور موقعو ڏينداسين پنهنجي انٽرويو ۾ خصوصي ڪميٽي جي چيئرمين ۽ بلوچستان اسيمبلي جي ميمبر اسلم ڀوٽاڻي ٻڌايو ته ڪميٽي جو ٻهريون اجلاس 9 مئي تي پارليامينٽ هائوس ۾ ٿيندو.

بقايا *** 17

وڃي، ماڊل ٽائون لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي جاويد لطيف چيو ته جيڪي ڪردار بي نقاب ٿي رهيا آهن يا اهي جيڪي ٽڪيٽون ورهائي سهولتڪاري ڪري رهيا آهن. سهولتڪاري ڪندڙ ڪردارن کي کليل ڇڏيو ويو ته وڏيڪ نقصان ٿيندو پاڪستان جي ٿيندڙ سازشن سان مخالف طاقتن کي فائدو پهچايو ويو ليگي اڳواڻ چيو ته ڇا آئين ان ڳالهه جي اجازت ڏئي ٿو ته پاڪستان دنيا ۾ بدنام ٿئي؟ معيشت جو ٻيڙو ٻوڙيو وڃي. ڇا پاڪستان اندر جيڪڏهن سازشون ٿينديون رهيون ته انتشار گهٽ ٿي سگهندو؟ ڇا آئين ڪنهن کي ان ڳالهه جي اجازت ڏئي ٿو ته اوهان ڏوهارين کي تحفظ ڏيو؟جاويد لطيف چيو ته جيستائين اوهان انصاف نه ڪندو 2017 ۾ ڪيل سازش جو حرڪاتو نه ڪندو. يڪجهتي نٿي ٿي سگهي جنهن اداري مان سهوليت ختم ٿي وڃي اوهان ان کي ميرجعفر، مير صادق سان سڏيو وقت اچي ويو آهي ته اڄ نه ته پوءِ ڪڏهن به نه. جيڪڏهن اڄ به خاموشي اختيار ڪئي وئي ته انتشار وڌندو ويندو (ن) ليگ اڳواڻ چيو ته ادارن جو خاموش رهڻ حيرت جوڳي ڳالهه آهي فل ڪورٽ فيصلو ڪري يا اسپيشل پارلياماني ڪميشن فيصلو ڪري. جيڪي ڪردار 2017 جا هئا اهي قوم کان معافي گهرن. 2017 واري سازش سڀني جي سامهون اچي چڪي آهي ملڪ کي بچائڻو آهي ته پارلياماني ڪميشن هڪ هفتي ۾ انهن ڪردارن کي گهرائي انصاف ڪري ڏيکاري. ادارن ۾ ويٺل ماڻهن کي آئين ۽ قانون جو پابند ڪرڻو پوندو هن چيو ته ڳالهيون ڳالهيون ڪيڻ جو ڪوبہ فائدو نه آهي. آڊيو ليڪس جو نوٽيس ڇو نه ورتو ويو؟ ڇا ڳالهيون نوازشريف کي انصاف ڏئي سگهن ٿيون؟ جيڪڏهن ملڪ کي ڪنهن وڏي حادثي کان بچائڻو آهي ته فل ڪورٽ هڪ هفتي ۾ فيصلو ڏئي يا پارلياماني ڪميشن هڪ هفتي ۾ انهن ڪردارن کي گهرائي انصاف ڪري ڏيکاري، وفاقي وزير وڌيڪ چيو ته فل ڪورٽ فيصلو ڪري يا اسپيشل پارلياماني ڪميشن ٻڌايو وڃي ته ذوالفقار علي ڀٽو کي ڦاهي ڏيندڙ ڪردار ڪهڙا هئا؟ انهن ڦاهي ڏيندڙن کي قبرن مان ڪڍي ڦاهي تي لٽڪايو وڃي.

بقايا *** 18

حملن جو نشانو بڻيس. ڇا مان شهباز شريف کان سوال پڇي سگهان ٿو؟ عمران خان سوال ڪيو ته ڇا مون کي پاڪستاني طور قاتلاڻي حملي جي ذميوارن کي نامزد ڪرڻ جو حق آهي؟تحريڪ انصاف جي چيئرمين، وزيراعظم کان اهو به سوال ڪيو ته مون کي ڪيس داخل ڪرڻ جي آئيني ۽ قانوني حق کان ڇو محروم ڪيو ويو؟هن چيو ته جيڪڏهن شهباز شريف انهن سوالن جا سچ تي ٻڌل جواب ڏئي سگهي ٿو ته انهن سڀني مان هڪ ئي طاقتور شخص ۽ ان جي ساٿين جو پتو ملندو، جيڪي سڀ قانون کان مٿاهان آهن سنڌس موجب وقت اچي ويو آهي ته اسان باضابطه طور اعلان ڪيون ته پاڪستان ۾ جهنگ جو قانون ئي لاڳو آهي، جتي جيڪو ڏاڍو سو ڳاٻو جو اصول هلي رهيو آهي.

بقايا *** 19

جماعت اسلامي کي ٻڌائڻ چاهيون ٿا ته آمر پرويز مشرف جو اهو زمانو گذري چڪو آهي جڏهن ايم ايم اي ۾ شامل جماعت اسلامي سميت ٻين جماعتن کي 60 سيٽون مليون هيون. هاڻي مڪاني چونڊن ۾ پيپلز پارٽي سڀني کان وڏيڪ اڪثريتي سيٽون حاصل ڪندڙ جماعت آهي ان لاءِ جماعت اسلامي ڪراچيءَ ۾ پيپلز پارٽي جي اڪثريتي عوامي مينڊيٽ کي سرخرو تسليم ڪري. انشاءَ الله ڪراچيءَ جو ميئر پيپلز پارٽيءَ جو جيالو بڻجندو سومر ڏينهن سيسي ۾ مزدورن جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان هڪ تقريب کي خطاب ڪندي ۽ ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته ڪراچيءَ جي عوام شهر کي ٽنڊ اسڪواڊ جي حوالي ٿيڻ نه ڏيندي. هن چيو ته حافظ نعيم الرحمان صاحب! تعصب پرست نه بڻجو ۽ مذهب ۽ زبان کي تعصب ۾ نه آڻيو چاڪاڻ تعصب جي سياست توهان کي ئي نقصان ڏيندي. هن چيو ته پيپلز پارٽي کي جاگيردارن جي جماعت چوندڙن کي ٻڌائڻ چاهيون ٿا ته چوڻ لاءِ گهڻو ڪجهه اسان وٽ به آهي پر نفرتن جي سياست کي اپارٽ بند ڪيو هن وڌيڪ چيو ته عام چونڊن ۾ هڪ به سيٽ حاصل نه ڪندڙ جماعت اسلامي عام هر چونڊن ۾ هارائيندڙ جماعت اسلامي عوام جي ووٽن تي اعتماد ڪري پيپلز پارٽي جي اڪثريتي مينڊيٽ کي تسليم ڪري. هن چيو ته پيپلز پارٽي رنگ نسل، مذهب ۽ زبان کان بالاتر ٿي بنا ڪنهن فرق جي خدمت ڪري رهي آهي هن بلدياتي چونڊن ۾ سڄي سنڌ ۾ پيپلز پارٽي جي اميدوارن جي ڪاميابيءَ تي قيادت، پارٽي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي مبارڪباد ڏيندي چيو ته جنهن طرح عوام پيپلز پارٽي تي اعتماد ڪيو آهي اهڙي طرح پيپلز پارٽي عوام جي اعتماد تي پورو لهندي. نثار کهڙي سيسي ۾ تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته عوام جي طاقت سان پيپلز پارٽي عام چونڊن ۾ سڄي ملڪ مان ڪاميابي حاصل ڪري بلاول ڀٽو زرداري کي وزيراعظم بڻائيندي. هن چيو ته پيپلز پارٽي مزدورن ۽ هارين کي رليف فراهم ڪري رهي آهي ۽ مزدورن جي ماهوار اجرت 25 هزار روپيا مقرر ڪئي هئي جنهن اجرت کي سنڌ حڪومت آصف علي زرداريءَ جي هدايت جي روشني ۾ وڌيڪ وڌائڻ تي غور ڪري رهي آهي هن چيو ته ٻوڏ ۽ طوفاني برساتن کانپوءِ سنڌ حڪومت هارين کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ ٻج جي رقم ڏئي رهي آهي جنهن جو ٻيو مرحلو به شروع ڪيو ويو آهي هن چيو ته مزدورن کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ مزدورن کي مزدور ڪارڊ به ڏنا پيا وڃن هن وڌيڪ چيو ته اسين پاڪستان ۽ جمهوري سياسي نظام جا حامي آهيون ۽ عمران خان جي سازش ۽ ڪوڙ واري سياست جا مخالف آهيون ۽ دهشتگردي جي سياست کي پڻ رد ڪيون ٿا ۽ جمهوريت ۽ آئين جو دفاع ڪندا رهنداسين.

بقايا *** 20

ڪري ڏني ريسڪيو ٽيمن متاثر ٻارڙن کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو.

بقايا *** 21

لک 94 هزار 530 روپين جو ٿي ويو آهي. هوڏانهن عالمي مارڪيٽ ۾ سون جي قدر 5 ڊالر واڌ سان 2022 ڊالر في اونس آهي.

بقايا *** 22

عمل ڏيکاريندا سين. وزيراعظم آفيس، سپريم ڪورٽ ۽ ٻين ڪيترن ئي ادارن جون پگهارون 100 سيڪڙو وڌيڪ آهن ايف بي آر ملازمن جو موقف آهي ته پگهارون گهٽ هجڻ سبب گهريلو خرچ برداشت نٿا ڪري سگهون مهانگائي جي شرح ٻيڻي ٿي وئي آهي. موجوده پگهارن ۾ گهريلو خرچ پورا نٿا ڪري سگهجن.

بقايا *** 23

ڪيس ۾ فراڊ تحت جعلسازي ڪرڻ جا ڪلم شامل آهن ڪيس ۾ اميدوارن جو سمورو تفصيل داخل ڪيو ويو آهي 7 اميدوارن وقاص، اختر علي، اڪبر، نعيم، نبيل، عشرت ۽ شهزاد ڊوميسائيل جمع ڪرايا هئا ايف آءِ آر مطابق اميدوارن جو ڊيٽا ڊي سي آفيس ۾ موجود ئي نه آهي.

بقايا *** 24

سميت سڄي سنڌ مان ڊويزنل، ضلعن، تعلقن، سٽيزن مان تنظيمي عهديدارن ورڪرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سينٽرل ڪميٽي جي ڪجهه دوستن هڪ غيرقانوني غير اخلاقي غير دستوري قدم کڻي تنظيم جي صدر ۽ جنرل سيڪريٽري کي معطل ڪرڻ جو اعلان ڪري پوري قوم سان ڏڳو ڪيو. تنظيم جي ميمبرن ڪارڪنن اڳواڻن کي وڏي ڇڪتاڻ ۾ مبتلا ڪندي پنهنجي غير قانوني قدم کي جائز ثابت ڪرڻ لاءِ پروپيگنڊا سان گڏ ڪوڙ ڪوڙ ۽ دوکي جو سهارو وٺي سوشل ميڊيا تي هڪ طوفان کڙو ڪندي جنرل باڊي جي اجلاس کي روڪڻ لاءِ ڪوڙيون خبرون هلايون تنظيم جي مرڪزي عهديدارن وارڙ ۾ ٿيل هڪ ظلم خلاف آواز اٿارڻ جي پراڻي سينٽرل باڊي جي عهديدارن طرفان مرڪزي صدر ۽ مرڪزي جنرل سيڪريٽري کي عهدن تان هٽائڻ جي خبر مرڪزي پيج تي لڳائڻ. ڪراچي حيدر آباد لاڙڪاڻو، سکر، ميرپورخاص، بدين، سميت مختلف ضلعن ۾ ايس پي آءِ جي پراڻي عهديدارن کي مڪمل نظرانداز ڪري نوان عهدا کڻڻ ۽ تنظيم کي مڪمل طرح سان ڌڙن ۾ ورهائي انتشار پکيڙڻ جي سخت مذمت ڪريون ٿا. مرڪزي صدر ۽ جنرل سيڪريٽري تي اعتماد جو اظهار ڪندي دستوري غير قانوني ۽ غير اخلاقي قدم کي سنڌ بروهي اتحاد جي خلاف هڪ خطرناڪ ۽ بدبودار سازش قرار ڏيندي نه صرف رد ڪيو ويو پر سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي ڪين چتاءُ ڏنو ويو ته هو اتحاد کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ وڏيڪ سازشن کان باز اچن اجلاس ۾ 20 رڪني ڪاميٽي جوڙي وئي جنهن ۾ سڄي سنڌ جي عهديدارن سميت معززين سميت علماءِ ڪاميٽي جي ماڻهن کي شامل ڪيو ويو آهي اها ڪميٽي تنظيمي معاملن کي ڏسندي عارضي طور تي سمورن معاملن تي پنهنجا ويچار وندبندي تنظيم کي منظم ڪندا. هن چيو ته اجوڪي جنرل باڊي جي اجلاس مان اهو ثابت ٿيو آهي ته سنڌ بروهي اتحاد هڪ آهي ۽ هڪ ئي رهندي ان موقعي تي سڄي سنڌ مان آيل سنڌ بروهي اتحاد جي ڊويزنل ضلعي ۽ ٻين عهديدارن سميت ورڪرن پاران تنظيم جي صدر محمد عالم بروهي جنرل سيڪريٽري ميرمظفرخان بروهي تي مڪمل طور تي اعتماد جو اظهار ڪيو ويو آخر ۾ فيصلو ڪيو ويو ته تنظيم ۾ ڊڪٽيٽرشپ جو قدم کڻندڙ تنظيم کي نقصان ڏيندڙ فيض بروهي ۽ سنڌس ساٿارين خلاف ڪراچي پريس ڪلب ۽ نجي چينل جي آفيس اڳيان احتجاجي ڌرڻو هنيو ويندو ۽ ڌرڻو تيستائين جاري رهندو جيستائين اهي پنهنجي ڪڌن عملن تي شرمندا نه ٿيندا.

بقايا *** 25

ڇڏي هئي تفصيل مطابق گورنر هڪ بيو واعدو پورو ڪري ڇڏيو گورنر هائوس ٻاهران پنهنجون شڪايتون ۽ مسئلا کڻي ايندڙن لاءِ گيٽ تي اطلاعي گهنٽي لڳائي ڇڏي هئي گهنٽي هنگامي صورتحال لاءِ آهي ۽ ان جو وقت رات 12 کان صبح 8 وڳي تائين هوندو ڪامران خان ٽيسوري چيو ته ان جو باضابطه افتتاح اربع 10 مئي تي 3 وڳي ميڊيا جي موجودگي ۾ ٿيندو واضح رهي ته گذريل ڏينهن پي ٽي آءِ جي اسيمبلي ميمبر فهيم خان گورنر هائوس کان ٻاهر غلط ويڊيو ناهي گهنٽي نه لڳڻ جو غلط پروپيگنڊا ڪيو هو گورنر ان حوالي سان چيو ته پنهنجو پاڻ کي عوامي نمائندو چوندڙ گورنر هائوس ٻاهران لڳل گهنٽي بابت عوام کي گمراهه ڪري رهيا آهن هن چيو ته اصل ۾ انهن کان گورنر هائوس عوام لاءِ کولي ڇڏڻ برداشت نه پيو ٿئي ڇو ته هي ان جي ليڊر جو واعدو هو جيڪو مان پورو ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا *** 26

ڪراچي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي يوسف رضا گيلاني چيو ته بلدياتي چونڊن ۾ ڪاميابي تي اميدوارن کي مبارڪباد ڏيان ٿو، عمران خان جي ٽن ملاقاتن باوجود منهنجو پٽ ڪيئن ڪامياب ٿيو هن چيو ته سياسي استحڪام ناهي ته معاشي استحڪام ناهي، سياسي استحڪام کانپوءِ ئي معاشي استحڪام ايندو يوسف رضا گيلاني جو چوڻ آهي ته ملڪ جي سياسي تاريخ ۾ اتفاق راءِ سان وزيراعظم بڻيو آهي، اسان ارڙهين ترميم کي تسليم ڪيو، گلگت بلتستان ۽ ڪي پي ڪي کي تسليم ڪيو اڳوڻي وزيراعظم جو چوڻ هو ته هاري خوشحال ٿيندو ته ملڪ خوشحال هوندو، اجلاس ۽ اتفاق ڪيو ويو ته سمورن صوبن ۾ هڪ ڏينهن ئي چونڊون ڪرايون وينديون هن جو چوڻ آهي ته قومي اسيمبلي ٽوڙڻ ۽ صوبائي اسيمبلي ٽوڙڻ غلطي ٿي آهي، ڳالهيون مشروط ناهن پيپلزپارٽي جي اڳواڻ چيو ته آئين موجب جيڪڏهن وقت تي ڪارروائي نه ٿي سگهي ته پوءِ ان جي گنجائش آهي.

بقايا *** 27

آهي. ڪراچي ۾ به 3 ڏينهن تائين گرمي پد 36 کان 38 ڊگري رهڻ جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي موسميات کاتي چيو آهي ته اپريل ۾ ملڪ ۾ معمول کان وڏيڪ 12.5 سيڪڙو برساتون رڪارڊ ڪيون ويون جڏهن ته اپريل ۾ سنڌ کان وڏيڪ برسات ڊير ۾ 19.1 ملي ميٽر رڪارڊ ڪئي وئي اپريل ۾ ڏينهن ۽ رات جو گرمي پد معمول کان 0.26 گهٽ رهيو ٻئي طرف گلگت بلتستان جي ضلعي استور جي ميداني علائقن ۾ برسات ۽ مٿانهين علائقن ۾ وڏيڪ برفباري جاري آهي. ڪيترن ئي مٿانهين علائقن سان زميني رابطو ڪٽجڻ سان مقامي ماڻهن ۽ سياحن کي پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. ان کان علاوه غذر جي مٿانهين علائقن ۾ به برفباري جو سلسلو جاري آهي.

بقايا *** 28

آيو سنڌ حڪومت ادا ڪندي. وڏي وزير ڪيس مڪمل سهولتون فراهم ڪرڻ جي به هدايت ڪئي آهي. ياد رهي ته عيدالفطر دوران ڪنهن فنڪشن ۾ ويندي قاضي احمد لڳ سنڌن گاڏي سان حادثو پيش آيو هو جنهن ۾ هو سخت زخمي ٿي پيو هو سنڌس ڌيئر پڻ زخمي ٿيون هيون ابتدائي علاج بعد ڪيس نوابشاهه موڪليو ويو هو جتان ڪيس ڪراچي منتقل ڪيو ويو هو.

بقايا *** 29

موجب مختلف امتحاني مرڪزن ۾ بجلي جي لوڊشيڊنگ سبب اميدوارن کي ڏکيائين جو منهن ڏيڻو پيو جڏهن ته معمول موجب ڪاپي ۽ بدنظمي به ڏٺي وئي. اسڪولن ٻاهران شاگردن جي والدين جي ويهڻ ۽ پاڻي لاءِ ڪو انتظام نه هو.

بقايا *** 30

21 فائٽرجيٽ راجستان جي هنومان ڳڙهه ويجهو ڪري تباهه ٿي ويو ڀارتي ميڊيا جو چوڻ آهي ته ڪري تباهه ٿيل فوجي جهاز جو پائليٽ محفوظ رهيو پر جهاز ڪري تباهه ٿيڻ سبب زمين تي موجود 2 شهري مارجي ويا. رپورٽ موجب تباهه ٿيل جهاز سورت ڳڙهه کان اڏام ڪيو هو واضح رهي ته ڀارتي هوائي فوج جي جهازن جا حادثا روز جو معمول بڻجي ويا آهن ۽ ان قسم جا حادثا ڏينهن ڏينهن سامهون ايندا رهندا آهن.

بقايا *** 31

ڪري ڇڏي. ڊاڪٽر عاصم جي وڪيل عدالت کي ٻڌايو ته احتساب عدالت نيب ترميمي ايڪٽ باوجود ڊاڪٽر عاصم جي برئيت جي درخواست رد ڪري ڇڏي. وڪيل چيو ته احتساب عدالت پنهنجي حڪم ۾ برئيت جي درخواست رد ڪرڻ جا سبب نه لکيا. اهو به نه ٻڌايو ته ڊاڪٽر عاصم خلاف ريفرنس تي نيب ترميمي ايڪٽ ڇو لاڳو ناهي. ڊاڪٽر عاصم جي وڪيل چيو ته درخواست جي فيصلي تائين احتساب عدالت کي ريفرنس تي حتمي فيصلو جاري ڪرڻ کان روڪيو وڃي. عدالت نيب پراسيڪيوٽر ۽ ٻين کي نوٽيس جاري ڪندي 22 مئي تائين جواب طلب ڪري ورتو.

بقايا سنڌيار 01

جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ ڪراچي جي نالي وارن ڪهلاڙين حصو ورتو ڪرڪيٽ جي نالي واري ڪرڪيٽر دائود پٺاڻ بهار ليفٽي عبيد ليفٽي ۽ معيز براو پنهنجي بهترين راند جو مظاهرو ڪري شايقين ڪرڪيٽ کان داد ورتو ٽورناميٽ جي آخر ۾ شيرواني اسپورٽ ملير ڪينٽ يونائيٽيڊ جي ٽيم کي شڪست ڏيئي فائينل کٽي ورتو فائينل ۾ مهمان خاص پاڪستان تحريڪ انصاف جي سياسي اڳواڻ رائو محمد اعظم رنر ۽ ونر ٽيم کي ٽرافي ۽ ڪيش انعام سان نوازيو ان موقعي تي چودهري ابو هاشم نويد شڪيل بازي بائي سمير ۽ بابر راجپوت شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڪهلاڙين جي حيصلا افزائي ڪري چيو ته اسپورٽ سان نوجوان برائي کان بچن ٿا اڄ هي ڪهلاڙي زڪريا ڳوٺ ۾ بهترين راند جو مظاهرو ڪيو سڀاڻي قومي ٽيم ۾ کيڏي ملڪ جو نالو روشن ڪندا نوجوان ڪهلاڙين جو سات ڏيڻ کپي ڪراچي جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مختلف راندين جا فيسٽيول ڪرائڻ گهرجن

بقايا سنڌيار 02

وڪرو ڪري پنهنجي ٻچڙن جي پيٽ جي گذر سفر ڪندا آهيون ايوب گيٽ واري علائقي جو رهواسي بااثر شخص آصف شيخ گزريل ڏينهن جيئن ئي سبزي وڪرو ڪري رهيا هئا سين ته ريڙهن کي باهه ڏني جنهن سبب اسان جي ٻن ريڙهين ۽ سبزي کي نقصان پهتو آهي آصف شيخ اسان کي روزگار ڪرڻ نه ٿو ڏئي جڏهن ته حد ٿاڻي تي پڻ جوبدارن خلاف اين سي به داخل ڪرائي آهي پر اسان جي نقصان جو ڪو به آزالو ناهي ٿيو هنن ايس ايس پي سکر سنگهار ملڪ ۽ سکر جي لاڳاپيل اختيارن کان جوابدار خلاف ڪاروائي ڪري نقصان ج آزالو ڪرائڻ جي گهر ڪئي آهي

بقايا سنڌيار 03

ٽيڪنيڪل اسٽاف 600 کان وڌيڪ مريضن جو چيڪ اپ ۽ مليريا جون ٽيسٽون ڪري مفت دوائون ڏنيون ويون ان موقعي تي ڪئمپ جي اڳواڻ محمد افضل جمالي سماجي اڳواڻن اعجاز ممنائي فيروز علي ميمڻ، گل حيدر لاڙڪ. صابر حسين ميمڻ ۽ ٻين چيو ته اسان جو علائقو ڳچ عرصو پاڻي هيٺ رهيو جنهن ڪري گندگي ٿي وئي آهي ۽ اڪثر ماڻهو مڇرن جي چڪ سبب مليريا ۽ ٻين وبائي مرضن ۾ ورتل آهن انڪري هن تنظيم جي تعاون سان مفت ميڊيڪل ڪئمپون لڳائڻ جو سلسلو شروع ڪيو آهي اڳواڻن چيو ته اسانجي ٽيم بناڪنهن ذات پات ۽ رنگ نسل جي برسات متاثر علائقن ۾ ميڊيڪل ڪيمپون لڳائي بي پهچ ماڻهن کي صحت جون سهولتون ڏئي رهي آهي اهو سلسلو سموري ضلعي اندر جاري رهندو

بقايا سنڌيار 04

جعفري برادري جي ٽن سڃاتل يوسي چيئرمين گهٽو واهه فتح محمد جعفري، عبدالنبي جعفري. عبدالغفور جعفري ۽ 8 اڻ سڃاتل تي داخل ڪيو ويو آهي، ياد رهي ته رتوديرو تعلقي جي وارث ڏنو ماڇي ٿاڻي جي حد ۾ چوڪي تان هٿياربندن جي فائرنگ ۾ زخمي ٿيل اهلڪارن تي حملو ڪندڙن جوابدارن جو پيڇو ڪندڙ سرڪاري پيري نبي بخش عرف بولو بروهي جو پٽ سڪندر بروهي جي مارجي وڃڻ جي قتل ڪيس ۾ دهشتگردي جا قلم شامل ڪيا ويا آهن گولودڙو پوليس اسٽيشن تي داخل ڪيس ۾ هڪ به جوابدار گرفتار نه ٿي سگهيو آهي.

بقايا سنڌيار 05

. فيصل ميمڻ. باغي ساگر پنهوار غوث ٻگهيو. عميران ميزان . شرڪت ڪئي جڏهن ته سرجاني پريس ڪلب جي صدر اصغر بروهي. فدا رند. جفر گوپانگ. ثنا الله هڪڙو ۽ پاڪستان مسلم ليگ ن صوبي سنڌ جيخغلام سرور ٽنيو پڻ شرڪت ڪئي سالگراه جو پروگرام ايسٽ نيشنل پريس ڪلب جي سرپرست اعلي نظير راڄپر . ممتاز شيخ. روشن علي. آصف شاهاڻي ارينج ڪيو آيل صحافين سياسي ۽ سماجي اڳواڻن سينئر صحافي صفدر ابڙو کي گلن جا هار توڙي اجرڪون پارايون ويون ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته سنڌ ۾ اهيا روايت تمام بهترين جنم ورتو آهي جو هڪ ٻي جي خوشين ۾ دوست ياد ڪري مان مڃائون ڪن ٿا ۽ سنڌس دوستن جي حوصلا افزائي سان گڏ عزت بخشن ٿا آخر ۾ ڪيڪ ڪاٽڻ واري رسم ادا ڪئي وي

بقايا سنڌيار 06

مقابلو ٿيو جنهن ۾ پيپلز پارٽي جو اميدوار محمد ايوب جمالي 642 ووٽ کڻي ڪامياب ٿي ويو جڏهن ته سندس مقابلي ۾ آزاد اميدوار شمن جمالي 478 کڻي هارائي ويو جڏهن ته آزاد اميدوار جاويد جمالي 149 ووٽ کڻي سگهيو پ پ اميدوار جي ڪاميابي جي خوشي ۾ پ پ ڪارڪنن پاران جهمريون پڻ هنيون ويون. وارڊ 4 جي چونڊن لاءِ ڳوٺ سوپو مگسي ۾ مردن ۽ عورتن ۾ الڳ الڳ پولنگ اسٽيشن قائم ڪئي وئي هئي، پولنگ جو عمل صبح 8 کان 5 وڳين تائين جاري رهيو پولنگ اسٽيشن کي انتهائي حساس قرار ڏنو ويو هو جنهن جي لاءِ ايس ايچ او اقبال عباسي سميت پوليس جي وڏي نفري مقرر ڪئي وئي هئي ۽ سي سي ٽي وي ڪيمرائون پڻ لڳايون ويون هيون. جڏهن ته اسسٽنٽ ڪمشنر حيدرآباد هتف سيال. ڊي ايس پي ٽنڊوڄام يار محمد نظاماڻي پولنگ اسٽيشن جو دورو پڻ ڪيو ويو. جڏهن ته اسسٽنٽ ڪمشنر هتف سيال جي نگراني ۾ ووٽن جي ڳڻپ ڪئي وئي. انهي موقعي تي اي سي هتف سيال ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته وارڊ جي عوام وڏي جوش ۽ خروش سان ووٽ جو استعمال ڪيو آهي. جنهن ۾ عورتن جو پڻ انگ شامل آهي. جيڪا خوش آئند ڳالهه آهي ۽ انهي ڪري ئي وارڊ ۾ 60 سيڪڙو ٽائين ٽرن آئوٽ رهيو آهي. هن چيو ته ضلعي انتظاميه جي عملدارن تمام بهترين نموني پولنگ عمل هلائي ووٽنگ جي عمل کي شفاف بڻايو آهي.

بقايا سنڌيار 07

جي ڊائريڪٽر سائيٽ ڪليم الله سميت سنڌ اينگرو ڪول مائننگ ڪمپني،اينگرو پاور جنريشن ٿر لميٽيڊ، حبڪو ۽ ٿر فائونڊيشن جي ملازمن رت جو عطيو ڏنو ان موقعي تي ڳالهائيندي ٿر فائونڊيشن جي جنرل مينيجر فرحان انصاري چيو ته عطئي طور مليل رت، ٿر ۾ ٿيليسيميا جي مريضن کي لڳايو ويندو. ٿيليسيميا هڪ جينياتي رت جي خرابي آهي جيڪا هيموگلوبن جي پيداوار کي متاثر ڪري ٿي. ٿيليسيميا جي مريضن ۾ رت جي کوٽ پيدا ٿي ويندي آهي. کين رت لڳائڻ جي ضرورت پوندي آهي. ٿرپارڪر سوشل آرگنائزيشن (ٽي ايس او) جي ماما وشن ٿري چيو ته ٿرپارڪر جي 65 ٿيليسيميا جي متاثرن کي مختلف وقتن تي رت جي عطيي جي ضرورت پوندي آهي. جنهن ڪري ٿر فائونڊيشن انتظاميه سهڪار ڪندي ڪيمپون قائم ڪيون آهن ۽ عطيي طور ملندڙ رت ٿيليسيميا جي مريضن کي لڳايو ويندو. هن ٿر فائونڊيشن.

سنڌ اينگرو ڪول مائيننگ ڪمپني ، اينگرو پاور جنريشن ٿر لميٽيڊ ،حبڪو انتظاميه ۽ رت عطيو ڪندڙ ملازمن جا ٿورا مڃيا. ڪيمپون قائم ڪرڻ جي عمل ۾ ٿر فائونڊيشن جي ڊاڪٽر اشوڪ بختاڻي، جنيد انصاري، مبشر سومرو، يعقوب بابر، هرجي لال، ڪامران شيخ، احسن سرهندي ٿرپارڪر سوشل آرگنائزيشن جي نائب صدر ولي نهڙئي، گل محمد بجير، باغ علي بجير، دليپ ڪمار، ڏرمون مل، ننڊلال ۽ ٻين رضاڪاراڻي طور خدمتون سرانجام ڏنيون

بقايا سنڌيار 08

جي آشرواد سبب ويزي تي ويٺل آهن ۽ اها به ڄاڻ ملي آهي ته جيڪا چوڪيدار ۽ آپريٽر مقرر ڪيل آهن هو پنهنجي گهرن جي ڪم ڪار ۾ رڌل آهن جڏهن ته اسڪارپ ايريگيشن آفيسرن ڊاريڪٽر انجنير ۽ ايس ڊي او اوپاوڙو ملازم سان ملي ڀڳت ڪري سرڪاري خزاني مان بنا ڊيوٽي ڪرڻ تي تنخواهون وصول ڪن پيا هي عمل 30 سالن کان هلندڙ آهي جڏهن ته هن معاملي جو ڪنهن به اعلي عملدار نوٽس ناهي ورتو ذريعن اها به ڄاڻ ملي آهي ته جيڪي اسڪارپ ايريگيشن جي يونين جا عهديدار آهن هو آفيسرن کان حصو پتي وٺڻ بعد خاموش ٿيل آهن علائقي واسن جو اسڪارپ ايريگيشن سيڪيٽري سنڌ کان نوٽس وٺڻ جو مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته اهڙن ڪرپ آفيسرن ۽ ملازمن خلاف جلد ڪاروائي ڪري ٽيوبلون بحال ڪرايو وڃن

بقايا سنڌيار 09

وڪيلن صحافين تقريب ۾ شرڪت ڪئي سالگره جي تقريب ڪوناٽي وٽي جنهن ۾ علائقي جي سياسي سماجي اڳواڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي شرڪت ڪندڙ ۾ شامل سيد منور علي شاهه فقير ننظر چانڊيو نوريز خان ٽنيو شير محمد ڪورائي ديدار بليدي جاني ميمڻ اشفاق احمد ذوالفقار سيال ۽ ٻين دوستن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڪوناٽيل تقريب کي خطاب ڪندي منور علي شاهه چيو ته بيدار منظور هڪ بهترين انسان دوست شخصيت آهي هن پنهنجي وت آهر غريبن مسڪينن مارئڙن جي خدمت ڪرڻ جو جذبو رکندڙ انسان آهي برسات متاثرن جي جي لاءِ رات ڏينهن جدوجهد ڪئي بيدار منظور پنهنجي برادري جي پليٽ فارم تان هر وقت مظلوم ماڻهن جي خدمت ڪرڻ لاءِ ڀهري صف ۾ ڪم ڪري ٿو بيدار منظور مهمان نواز آهي ڪراچي جهڙي شهر ۾ پنهنجي ماروئن جو آواز ۽ پر جهلو آهي ان موقعي تي آيل دوستن آخر ۾ ڪيڪ ڪاٽيو

بقايا سنڌيار 10

ڪئي اسپتال انتظاميه ضلعي انتظاميا مرف اين جي اوز ۽ ريسڪيو ايمبولينس سروس 1122 جي عملي خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي احتجاجي ريلي جي اڳواڻي عزيز سرواڻ جاويد لطيف ميمڻ . پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ اڳواڻ اقبال خاصخيلي ٺٽي جي اڳواڻن سيد امجد شاهه. هوش محمد عباسي . مراد ساٿي . يوٿ ونگ اڳواڻن سيد شهمير شاهه.ارسلان شيخ . ايس ٽي پي ضلعي ٺٽي جي صدر سيد جلال شاهه قومي عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي جي صدر شبير پٽي _ لاڙ عوامي فورم جي حيدر شورو _سنڌ ڪلچرل فورم جي چيئرمين صادق لاکو. ملاح اڳواڻن ڏاڏا آدم گندرو. جسر جي وائس چيئرمين سيد نواز شاهه پاڏائي. سيد جاويد شاهه وڪيل اڳواڻن ايڊووڪيٽ قربان هالو . ايڊووڪيٽ علي حسن ملاح. امجد شورو ايڊووڪيٽ راڻي پٽو ياسر جاکرو_ اياز لاشاري حيدر جوڻيو _ ممتاز سميجو. پيرل پياسي . ساجد شيخ. عزير پٽو ڪئي جڏهن ته شهرين جي هڪ وڏي انگ سميت سوين ماڻهن ريلي ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته اصغر ملاح جي خون جا ذميوار هيلٿ منسٽر مرف اين جي اوز شيخ زيد اسپتال انتظاميه ۽ ريسڪيو ايمبولينس سروس وارا آهن سنڌ حڪومت جي نااهلي سبب سنڌ ۾ صحت جون سهولتون اٿلپ آهن اسپتالون اين جي اوز جي حوالي ڪري ڇڏيون آهن ايمبولينس سروس به نالي ماتر ڪم ڪري رهي آهي تنهن ڪري هر روز انساني جانيون ضايع ٿي رهيون آهن صحت جون سهولتون اڻ پوريون هئڻ ڪري اصغر ملاح جهڙا معصوم تڙپي تڙپي فوت ٿين ٿا جڏهن کان سنڌ حڪومت اسپتالون مرف اين جي اوز جي حوالي ڪيون آهن تڏهن کان انساني جانيون ضايع ٿي رهيون آهن جنهن جو تازو مثال معصوم اصغر ملاح پڻ آهي جنهن کي نانگ ڏنگي وڌو ته ان کي وارثن شيخ زيد اسپتال ساڪرو پهچايو جتي موجود ڊاڪٽرن سندس علاج نه ڪيو ۽ اسپتال ۾ سيرون موجود نه هيون معصوم اصغر ملاح جي وارثن کي ڪراچي رفر ڪرڻ جو ليٽر جاري ڪيو وارثن ايمرجنسي ۾ ريسڪيو ايمبولينس سروس 1122 سان رابطو ڪيو پر ايمبولينس وقت تي نه پهتي وارث پرائيويٽ گاڏي ۾ کڻي ڪراچي وڃي رهيا هئا پر نينگر رستي ۾ تڙپي تڙپي فوت ٿي ويو احتجاج ڪندڙن سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس سيشن جج ٺٽو سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته فورن معصوم نينگر اصغر ملاح جي جوڊيشل انڪوائري ڪرائي وڃي ۽ ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري ڪيس داخل ڪيو وڃي ۽ وارثن سان انصاف ڪيو وڃي هوڏانهن ساڪرو ۾ پيش آيل واقعي خلاف ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن ٺٽو پاران احتجاجي طور عدالتي ڪارروائين جو بائيڪاٽ ڪيو ويو ٻئي پاسي ٿيل احتجاج کان پوءِ صحت کاتي جي هيلٿ منسٽر واقعي جو نوٽيس وٺي ڇڏيو آهي ۽ انڪوائري ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي

بقايا سنڌيار 11

لاءِ ڪراچي ايسٽ نيشنل پريس ڪلب ۾ صحافين ۽ سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن طرفان احتجاجي مظاهرو ڪري جوابدارن جي گرفتاري لاءِ سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ صحافين سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن نذير راڄپر غوث ٻگهيو باغي ساگر پنهوار اصغر بروهي فدا رند ممتاز شيخ جعفر گوپانگ نصرالله جمالي صفدر ابڙو جعفر گوپانگ غلام سرور ٽنيو ثناء الله هڪڙو عمران ميزان امتياز بزدي ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته قمبر شهدادڪوٽ ضلعي جي سجاول جوڻيجو ٿاڻي جي حد عرضي پٽو ۾ هٿياربندن 21 ڏينهن اڳ ڪراچي جي صحافي سعيد پٽو جي ڀاءُ شيراز پٽو کي گوليون هڻي قتل ڪيو هو جڏهن ته ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ صدام خاصخيلي طرفان ڪيس جي گهربل جوابدارن روشن پٽو اظهار پٽو راشد پٽو ۽ ٻين جوابدارن مان هڪ به جوابدار کي گرفتار نه ڪري سگهيو آهي جوابدار اڄان وڌيڪ مقتول جي وارثن کي ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هنن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو کان گهر ڪئي آهي ته صحافي سعيد پٽو جي بيگناهه قتل ٿيل ڀاءُ شيراز پٽو جي ڪيس ۾ گهربل سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي ۽ ڪيس ۾

ڪرتاهي ڪندڙ پوليس اهلڪارن خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 12

قلو واهڻ جو رهواسي آهيان برسات دوران ڳوٺ ٻڏي ويو هو آءُ پنهنجا ٻارڙا وٺي شهر ۾ ڪرائي جي جاءِ تي رهندو آهيان منهنجي ڳوٺ واري گهر ۽ زرعي زمين تي با اثر عبدالجبار سولنگي ممتاز سولنگي نديم ۽ نثار سولنگي زبردستي قبضو ڪيو آهي جنهن جا ڪاغذ مون وٽ موجود آهي اهڙي درخواست ڊي ايس پي پريا لونگ شر کي پڻ ڏني آهي با اثر منهنجو لکين رپين جو سامان پڻ کڻي ويا آهن مون کي ڳوٺ نٿا اچڻ ڏين منهنجي زندگي کي سخت خطرو آهي مون کي جان کان مارڻ جون ڌمڪيون پڻ ڏئي رهيا آهن هن ٻڌايو ته منهنجي جان کي خطرو آهي مان ڊيوٽي نٿو ڪري سگهان مون کي خدشو آهي ته مون کي ماريو ويندو هن ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ايس ايس پي نوشهروفيروز ۽ ٻين کان تحفظ جو مطالبو ڪندي چيو ته مون کي پنهنجي اباڻي ملڪيت واپس ڪرائي ڄاڻايل ماڻهن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ پنهنجو پاڻ کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيندس

بقايا سنڌيار 13

جي ڊائريڪشن ۾ سيد حاڪم علي شاهه بخاري هال دادو ۾ هڪ اصلاحي سبق آموز آرٽ اسٽيج ناٽڪ (جوڳي ۽ جاڳايوس) پيش ڪيو ويو هن اسٽيج ڊرامي ۾ سينئر اداڪار نثار شاهه، شهناز پٽي، حاجن پريمي، صنم گل، اسد ڪورائي، عباس گل، اشرف عطار، ميرل پنهور، جڏهن ته هن ڊرامي جو ڊائريڪٽر سيد منور علي شاهه ۽ رائيٽر سينئر اداڪار عبدالمنان عباسي عرف ماما لالو هو هي ڊرامو ثقافت کاتي سنڌ پاران پيش ڪيو ويو دادو جي شهرين پاران هن پيش ٿيندڙ ڊرامي ۾ وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي خوب لطف اندوز ٿيا ۽ ڊراما ڊائريڪٽر سيد منور علي شاهه کي ڊرامي جي ڪاميابي جون مبارڪون ڏنيون

بقايا سنڌيار 14

جي علائقي ڊالميان جي پوليس مهيشوري برادري جي ٻن نوجوانن کي گهران لمبي کڻي گم ڪرڻ بعد هڪ نوجوان ڪمل مهيشوري کي ڪوڙو مقابلو ڄاڻائي قتل ڪري ڇڏيو جڏهن ته هڪ نوجوان انيل ڪمار مهيشوري مٿان دهشتگردي جي ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪري قيد ڪري ڇڏيو آهي ڪمل مهيشوري جي قتل بعد مهيشوري برادري جا سوين ماڻهو ڊالميان ٿاڻي اڳيان ڌرڻو هڻي ويهي رهيا جن کي ايس ايس پي انويسٽيگيشن ۽ ايس ايس ايسٽ پهچي قاتلن کي گرفتار ڪري مٿن ڪيس داخل ڪرڻ ۽ بيگنا قيد ڪيل انيل ڪمار مهيشوري کي آزاد ڪرائڻ جو واعدو ڪري ڌرڻو ختم ڪرايو پر پوليس پنهنجي روايت کي برقرار رکندي پنهنجي واعدي تان ڦري وئي ۽ قيد ڪيل نوجوان کي ڪوڙي دهشتگردي جي ڪيس ۾ چالان ڪري ڇڏيو آهي هنن اعلي اختيارين کي پرزور مطالبو ڪيو آهي ته بيگنا قتل ڪيل ڪمل مهيشوري جي قاتلن کي گرفتار ڪري سخت کان سخت سزا ڏني وڃي هوڏانهن بيگناهه قيد ڪيل انيل ڪمار مهيشوري کي آزاد ڪيو وڃي پريس ڪانفرنس کان بعد ۾ پريس ڪلب غلام الله اڳيان احتجاجي مظاهرو پڻ ڪيو ويو پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي احتجاج ۾ شريڪ ماڻهن بيگناهه دهشتگردي جي ڪيس ۾ جيل ۾ واڙهيل انيل ڪمار مهيشوري جي آزادي ڪراچي ڊالميان پوليس پاران بيگنا قتل ڪيل ڪمل مهيشوري جي قاتلن جي گرفتاري ۽ وارثن سان انصاف جو مطالبو ڪيو

بقايا سنڌيار 15

ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته دڙو پوليس هڪ جوابدار نثار ڪڏو کي گرفتار ڪري ورتو آهي. رات دير سان دڙو پوليس پاران روپوش جوابدارن جي گرفتاري لاءِ درگاهه پير قل پرسان ڪارروائي ڪئي ته دڪان تي ويٺل ڪڏا برادري جي نوجوانن ۽ پوليس اهلڪارن ۾ جهيڙو ٿي پيو لٺيون ۽ سوٽا لڳڻ ڪري 4 پوليس اهلڪارن سميت 7 ڄڻا مبينا زخمي ٿي پيا هئا. ان سلسلي ۾ دڙو پوليس جي ايس ايچ او بشير چانڊيو رابطو ڪرڻ تي ميڊيا کي ٻڌايو ته دڙو پوليس منشيات جي اڏي ۽ روپوش جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪارروائي ڪئي ته جوابدارن پوليس مٿان حملو ڪري ڏنو. جنهن جي نتيجي ۾ پوليس اهلڪار اسماعيل ۽ محمد خان سميت 4 پوليس اهلڪار مبينا زخمي ٿي پيا آهن. جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري گرفتارين لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن. هوڏانهن جوابدار ڌر جي نديم ڪڏو ۽ ٻين پوليس تي الزام هڻندي چيو ته دڙو پوليس بنا جواز دڪان ۽ گهرن تي چڙهائي ڪري اسانجي ٽن نوجوانن. گدو ڪڏو، بخاري ڪڏو ۽ منهنجي پٽ تاهيد ڪڏو تي لٺيون وسائي کين سخت زخمي ڪيو آهي، هنن چيو ته اهو ڪٿي جو قانون آهي. ته مردن ۽ عورتن مٿان بي گناهه دهشتگردي جا ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا وڃن. اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 16

ڪٺي سوپارو ٿي ويو جڏهن ته پ پ اميدوار چيف احمد علي ملڪ 2212 ووٽ کڻي هارائي ويو آزاد اميدوار عبدالجبار سميجو 187 ووٽن جي ليڊ سان پ پ اميدوار چيف احمد علي ملڪ کي هارائي وائيس چيئرمين جي اليڪشن ۾ سوپارو ٿي ويو. گڏ ڪيل ڄاڻ موجب بوائز پرائمري سنڌي اسڪول جي پولنگ تي آزاد اميدوار 71 ۽ پ پ اميدوار 195 ووٽ کنيا. ڄام محمد علي لکڻ جي پولنگ تي آزاد اميدوار 202 ووٽ کنيا ۽ پ پ اميدوار 282 ووٽ کنيا. گرلس اسڪول عمرڏهو تي آزاد اميدوار 123 ووٽ کنيا پ پ اميدوار 244 ووٽ کڻي سگهيو. عمرڏهو پولنگ تي آزاد اميدوار 231 ووٽ کنيا ۽ پ پ اميدوار 207 ووٽ کنيا. پراڻي سرحد ۾ آزاد اميدوار 98 ووٽ کنيا ۽ پ پ اميدوار 208 ووٽ کنيا. هاسيجا مهر جي پولنگ تي آزاد اميدوار 694 ووٽ کنيا ۽ پ پ اميدوار 234 ووٽ کنيا. جهانپور مان آزاد اميدوار 296 ووٽ کنيا ۽ پ پ اميدوار 80 ووٽ کنيا. غير حتمي ۽ غير سرڪاري نتيجن موجب مڙني پولنگ اسٽيشنن تان آزاد اميدوار عبدالجبار سميجو 2399 ووٽ کڻي سوپارو ٿي ويو ۽ جڏهن ته پ پ اميدوار چيف احمد علي ملڪ 2212 ووٽ کڻي 187 ووٽن جي ليڊ تي هارائي ويو. جڏهن ته پولنگ جو عمل صبح 8 بجي کان شام جو 5 بجي تائين بنا وقفي جي جاري رهيو. سيني پولنگ اسٽيشنن تي ڪا به بدنظمي نه ٿي، امن امان سان پولنگ جو عمل جاري رهيو ۽ ڪو به اڻ وڻندڙ واقعو پيش نه آيو اليڪشن جي غير حتمي ۽ غير سرڪاري نتيجن جي اعلان بعد مهر گروپ جي ماڻهن پاران چيئرمين نورحسن ملڪ. ۽ ضلعي ڪائونسل جي ميمبر عبدالحفيظ مهر جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي، مختلف ماڻهن پاران ڪامياب اميدوار کي مبارڪون پڻ ڏنيون ويون

بقايا سنڌيار 17

ويٺي هن موقعي تي آبادگارن ءِ ايس ٽي پي ڪارڪنن جي طرفان شادي سمال واهه جي پل تان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جيڪا شهر جو گشت ڪرڻ کان پوءِ پريس ڪلب اڳيان ڌرڻي ۾ تبديل ٿي وئي جنهن کي خطاب ڪندي اڳواڻن الهرکيو کوسو حاجي لکاڏنو عمراڻي محمد امين ۽ ٻين چيو ته اڪرم واهه جي سمورين ڊويزنن ۾ پاڻي جو بدترين بحران هلي رهيو آهي جنهن جي ڪري آبادگارن جا پوکيل فصل سڪي رهيا آهن جڏهن ته ڳوٺن ۾ ماڻهن جا ڍورن ۽ پکين جي پيئڻ لاءِ به پاڻي ميسر نه آهي هر طرف ڪربلا واري حالت آهي آبادگارن جي احتجاجن ڌانهن ڪوڪن جو آبپاشي کاتي جي اختيارين تي ڪو اثر نٿو ٿئي هنن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ سنڌ جي وڏي وزير ۽ آبپاشي کاتي جي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته بدين جي واحد دائمي ڪئنال اڪرم واهه ۾ پاڻي ڇڏي سمورين سب ڊويزنن ۾ پاڻي ٽيل تائين پهچايو وڃي هوڏانهن ٽيل آبادگار ايسوسيئيشن جي طرفان پاڻي کوٽ خلاف اڄ اڱاري جي ڏينهن شادي لارج ۾ شٽر بند هڙتال ڪري احتجاج ڪيو ويندو جڏهن ته سڀاڻي اربع جي ڏينهن ڪوسڪي شهر ۾ شٽر بند هڙتال ڪري مين ٽر ڪول روڊ تي ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا سنڌيار 18

58 جي وارڊ 4 جي جنرل ڪائونسلر جون چونڊن ۾ پيپلزپارٽي اميدوار ۽ ٻن آزاد اميدوارن ۾ مقابلو ٿيو جنهن ۾ پيپلز پارٽي جو اميدوار محمد ايوب جمالي 642 ووٽ کڻي ڪامياب ٿي ويو جڏهن ته سندس مقابلي ۾ آزاد اميدوار شمن جمالي 478 کڻي هارائي ويو جڏهن ته آزاد اميدوار جاويد جمالي 149 ووٽ کڻي سگهيو. پ پ اميدوار جي ڪاميابي جي خوشي ۾ پ پ ڪارڪنن پاران جهمريون پڻ هنيون ويون. وارڊ 4 جي چونڊن لاءِ ڳوٺ سوپو مگسي ۾ مردن ۽ عورتن ۾ الڳ الڳ پولنگ اسٽيشن قائم ڪئي وئي هئي، پولنگ جو عمل صبح 8 کان 5 وڳين تائين جاري رهيو پولنگ اسٽيشن کي انتهائي حساس قرار ڏنو ويو هو جنهن جي لاءِ ايس ايچ او اقبال عباسي سميت پوليس جي وڏي نفري مقرر ڪئي وئي هئي ۽ سي سي ٽي وي ڪيمرائون پڻ لڳايون ويون هيون. جڏهن ته اسسٽنٽ ڪمشنر حيدرآباد هتف سيال. ڊي ايس پي ٽنڊوڄام يار محمد نظاماڻي پولنگ اسٽيشن جو دورو پڻ ڪيو ويو. جڏهن ته اسسٽنٽ ڪمشنر هتف سيال جي نگراني ۾ ووٽن جي ڳڻپ ڪئي وئي. انهي موقعي تي اي سي هتف سيال ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته وارڊ جي عوام وڏي جوش ۽ خروش سان ووٽ جو استعمال ڪيو آهي. جنهن ۾ عورتن جو پڻ انگ شامل آهي. جيڪا خوش آئند ڳالهه آهي ۽ انهي ڪري ئي وارڊ ۾ 60 سيڪڙو ٽائين ٽرن آئوٽ رهيو آهي. هن چيو ته ضلعي انتظاميه جي عملدارن تمام بهترين نموني پولنگ عمل هلائي ووٽنگ جي عمل کي شفاف بڻايو آهي.

بقايا سنڌيار 19

اسان جمهوريت پسند ماڻهو آهيون مشاورت تي يقين رکون ٿا ايندڙ عام چونڊن ۾ ڀرپور طريقي سان حصو ورتو ويندو هڪ نئين منشور کي کڻي عوام وٽ وينداسين اظهر جميل کي صدر ۽ الاهي بخش انيل پٽي کي شريڪ چيئرمين ٽئرر ڪيو ويو آهي اسان جو منشور عوامي خدمت ڪرڻ آهي جنهن کي نظر ۾ رکندي ميدان ۾ لٿا آهيون استقلال جماعت ٺاهڻ وقت وڏا وڏا نالا شامل هئا هن ملڪ جي وڏي بدقسمتي اها آهي ته هتي عوام جي راءِ جو احترام ناهي ڪيو ويندو اسان انهن زميني فرعونن هميشه پنهنجي حاڪميت قائم رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي اسان 98 سيڪڙو عوام جي نمائندگي ڪرڻ لاءِ نڪتا آهيون هن چيو ته طاقتور طبقو ملڪ تي قابض ٿيل آهي جن کان جان ڇڏائڻي پوندي هر ڪم لاءِ جدوجهد ڪرڻ شرط آهي اسين پنجونجاهه سالن کان عوام جي حقن لاءِ آواز اٿاريو آهي هتي هندو ، عيسائي ، سک , ٻڌ ۽ مسلمانن کي برابر جا حق مليل آهن مذهب ، علائقي، زبان ۽ فرقيواريت جي نالي تي عوام کي ورهايو پيو وڃي جنهن جي ڀرپور مذمت ڪندي اسان سڀ هڪ آهيون هن ملڪ جي بالادستي لاءِ ڪم ڪرڻو هن چيو ته 1974 ۾ منهنجي ميڊيڪل رپورٽ ۾ منهنجي جسم تي پنجاهه کان وڌيڪ نشان هئا هن چيو ته 1958 کان هن مهل تائين هن ملڪ ۾ جمهوريت ناهي آهي اڳوڻو چيف جسٽس افتخار محمد چودري جهڙا ماڻهو ملڪ جي آئين جي تشريح ڪري ٻڌائيندا آهن پر ان تي عمل ناهن ڪندا موجوده وزير اعظم ديانتدار ناهي هو هڪ سمجهوتي تحت آيو آهي اسان ايوب خان کان وٺي هن مهل تائين ڪافي جرنيلن ۽ جمهوريت جي لباس ۾ ويڙهيل ماڻهن کي برداشت ڪيو آهي هن چيو ته جيسيتائين ملڪ ۾ آئين جي بالادستي، پارليامينٽ جو قدر ۽ عدالتن جو احترام نه ٿيندو تيسيتائين عوام جي حق حڪمراني قائم نه ٿيندي هن چيو ته اسان جي پاڙيسري ملڪ ڀارت ۾ آئين ۽ قانون جو راڄ قائم آهي ته پوءِ هتي ڇو ناهي هن چيو ته هنن ملڪ کي پاڻ ٽوڙيو آهي اسان عوام جي آزادي لاءِ جدوجهد لاءِ نڪتا آهيون اڇي رنگ جي انگريزن مان جان ڇٽي آهي پر هنن مان جان آجي ناهي ٿي اسان اڄ به غلامي جي زنجيرن ۾ جڪڙيل آهيون جنهن مان ڇوٽڪاري جو وقت اچي ويو آهي3

بقايا سنڌيار 20

تيار ڪرڻ، صوبي پاران مليل ترجيحات تي عمل درآمد لاءِ لائحه عمل ۽ برانچز ۾ ضلعي عهديدارن جي وزٽ جو شيڊول تيار ڪيو ويو ان موقعي تي جنرل سيڪريٽري غلام نبي ميمڻ طاهري اهم نقاط کي سيني عهديدارن جي اڳيان تفصيل سان بيان ڪيو ۽ سيني عهديدارن جي متفق راءِ سان فيصلا ڪيا ويا آخر ۾ دعائيه ڪلمات پروفيسر خليفة نعمت الله قريشي طاهري فرمايا.

بقايا سنڌيار 21

لاءِ احتجاج هائيڪورٽ جي چيف جسٽس کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو خبر موجب ميرواهه ڪئنال مان نڪرندڙ شاهنواز واهه جي ڇيڙي ۾ آبپاشي کاتي جي آفيسرن ۽ منڊ جي بااثر آبادگارن جي ڳٺ جوڙ سبب پاڻي ن پهچي سگهيو آهي منڊ جا آبادگار آبپاشي کاتي جي آفيسرن سان ڏنو پٽ چٽي واري اصول تحت ڳٺ جوڙ ڪري واهه مان نڪرندڙ شاخن واٽر ڪورسن جا فريم ٽوڙائي ونجيون ۽ پائيپ هڻي ڇيڙي جي آبادگارن جي پاڻي واري حق تي ڌاڙو هڻي رهيا آهن برسات ۽ سيلابي صورتحال سبب تيار ٿيل فصل تباهه ڪري اٺ مهينا گهرن کان بي گهر ٿيل آبادگار پريشاني ۾ مبتلا ٿي ويا آهن ڇيڙي جي آبادگارن پاڻي چوري ۽ ڇيڙي ۾ پاڻي ن پهچڻ خلاف سلامت علي ٽالپر عبدالغفور ٽالپر غلام شبير خاصخيلي جنسار خواجه لعل بخش خواجه ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ شاهنواز واهه جي ڇيڙي تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي هنن صحافين اڳيان ڌانهيندي چيو ت برسات ۽ سيلاب دوران منڊ جي آبادگارن زمينن ۽ ڳوٺن جو پاڻي شاهنواز واهه ۾ نيڪال ڪري اسان جا فصل ۽ زمينون تباهه ڪرڻ سان گڏ اٺ مهينا گهرن کان بي گهر ڪيو هينئر وري پاڻي بند ڪري اسان جون زمينون بنجر ڪرڻ سان گڏ بک ۽ بدحالي جي ور چاڙهڻ گهرن ٿا ان موقعي تي هنن سنڌ هائيڪورٽ جي چيف جسٽس کان فوري نوٽيس وٺي شاهنواز جي وزٽ ڪنهن جج کان ڪرائي واهه تي لڳل غيرقانوني ڪٽ ونجيون پائيپ جلائي مائينر جو ٽڪا شاخ قناصره شاخ سميت ٽنل واٽر ڪورسن کي مقرر ڊزائين تحت تعمير ڪرائي ڇيڙي ۾ پاڻي پهچائي پاڻي چوري ۾ ملوث آبپاشي عملي خلاف ڪاروائي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو

بقايا سنڌيار 22

غلام مصطفيٰ مري خصوصي شرڪت ڪئي هن سيشن ۾ ميڊيڪل جي شاگردن ۽ شاگردياڻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي سيشن کي ڊاڪٽر شاهنواز وسطڙو ۽ ڊاڪٽر عصمه اشرف خطاب ڪندي چيو ته ٿيليسيميا. هڪ خطرناڪ بيماري آهي جنهن بابت پنهنجن شڪ ۽ غلط فهمي کي واضح ڪرڻ لاءِ هي پروگرام منعقد ڪيو ويو آهي اڳواڻن چيو ته ملين سمائلس فائونڊيشن ۾ شامل ٿي ٿيليسيميا بابت آگاهي وڌائڻ ۽ هن بيماري کي ختم ڪرڻ ۾ عوام کي مدد ڪرڻ گهرجي پروگرام ۾ آيل مهمانن کي اجرڪ جي تحفا پيش ڪيا ويا ۽ آخر ۾ ريفريشمينٽ جو اهتمام ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 23

ڪيٽرڪميشن پاران ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر مجاهد پيهي، ڊاڪٽر شبير احمد داهري. اسسٽنٽ عبدالماجد. اسسٽنٽ مختيارڪار ڪامران مهر. ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڇاپا هنيا ويا جنهن دوران پنج عطائي ڊاڪٽرن ستار ميمڻ، رحيم بخش ڪورائي، سنجي ڪمار، ڏتي بخش ميمڻ، مڪٽو ميمڻ، ڪلينڪون سيل ڪيون ويون. ڇاپن دوران سرحد پوليس پڻ عطائين رحيم بخش ڪورائي، نازڪ لولائي کي پڻ گرفتار ڪيو ويو. جن کي سرحد ٿاڻي تي منتقل ڪيو ويو. جڏهن ته عرفان ملڪ. پريداس. عبدالحفيظ ميمڻ جي ميڊيڪل اسٽورن تي ڇاپا هڻي کين سخت پڇاڻو ڪيو ويو ۽ صفائي سٿرائي ڪرڻ توڙي ميڊيسن جي ٽيمپريچر مئنيج رکڻ جون هدايتون ڪيون ويون. ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي ڊاڪٽر مجاهد حسين پيهو جو چوڻ هو ته عطائي ڊاڪٽر انساني زندگين سان کيڏي رهيا آهن جن کي ڪنهن به صورت ۾ انساني جانين سان کيڏڻ نه ڏنو ويندو. غيرقانوني هلندڙ ڪلينڪون سيل ڪيون ويون آهن سندن خلاف وڌيڪ ڪاروائي پڻ ڪئي ويندي

بقايا سنڌيار 24

مڙس مون مٿان روز جي بنياد تي تشدد ڪندو رهندو هو ۽ غلط ماڻهن سان واسطو هو جنهن جي منع ڪرڻ تي ڪجهه ڏينهن پهريان نشي ۾ ڌت ٿي سخت تشدد ڪري گهران ڪڍي ڇڏيو آهي ۽ منهنجيون ٻه نياڻيون عشاءَ بتول ۽ فضا بتول کي زبردستي رکي ڇڏيو آهي ۽ آواز اٿارڻ تي هو بااثر ماڻهن جي سپورٽ حاصل ڪري مڇرجي منهنجي پيءُ ۽ ڀاءُ مٿان نوشهروفيروز ٿاڻي تي چوري جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو آهي جنهن جي جاچ ڪرائي داخل ڪوڙو ڪيس ختم ڪرايو وڃي ۽ مان پنهنجي حق انصاف لاءِ فيملي ڪورٽ مورو ۾ وئي آهيان ته مونکي پنهنجيون نياڻيون واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي ۽ مان هاڻي هن نشي مڙس سان وقت نه ٿي گذارڻ چاهيان. هن وس وارن کان مطالبو ڪيو ته ڪين حق ڏياريو وڃي ٻي صورت پاڻ پنهنجي معصوم ٻارڙن سميت ڪراچي پريس ڪلب آڏو باهه ڏئي ساڙينديس جنهن جو ذميوار منهنجو مڙس ۽ ان جو ساٿ ڏيندڙ بااثر هوندا.

بقايا سنڌيار 25

جوابدارن مٿان ڪيس داخل ڪري ڇڏيو تفصيل موجب. ايس ايس پي سکر سنگهار ملڪ جي حڪم تي ايس ايچ او سائيٽ احمد علي شر ياري نفري سان ڪري سکر جي سائيٽ ايريا ٿاڻي جي حد اندر خير محمد ڪوسا ڳوٺ ۾ ڪچي شراب جي ڀٽي تي ڇاپو هڻي مک جوابدار گرفتار ڪري ورتا جوابدارن ۾ وحيد ڪوسو ۽ ٻيا شامل آهن ان سلسلي ۾ ايس ايچ او احمد علي شرو جو چوڻ هو ت منشيات فروشن ۽ سماجي برائين ۾ ملوث جوابدارن ڪريڪ ڊائون اسان جو جاري رهندو

بقايا سنڌيار 26

ميمڻ فزيوٿراپي يونٽ لاءِ 5 لک روپيا ڏيڻ جو پڻ اعلان ڪيو ٿيليسيميا کان بچاءَ واري عالمي ڏينهن جي موقعي تي ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد بلال احمد ميمڻ، ڊائريڪٽر گمبٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنس خيرپور ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي انچارج ٿيليسيميا سينٽر بدين ڊاڪٽر هارون ميمڻ ۽ ٻين آفيسرن جي اڳواڻي ۾ آگاهي ريلي پڻ ڪڍي وئي. ريلي کان پوءِ ٿيليسيميا کان بچاءَ لاءِ آگاهي سيمينار کي خطاب ڪندي ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد بلال احمد ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت صحت جي شعبي ۾ مثالي ڪم ڪيا آهن ٿيليسيميا ميجر بيماري تي به حڪومت سنڌ ڪم ڪري پئي هن چيو ته نوجوان نسل کي ٿيليسيميا جي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ تعليمي نصاب ۾ سبق شامل ڪيا وڃن ته بهتر ٿيندو هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت صحت سان گڏ تعليم جي بهتري لاءِ پڻ ڪوششون وٺي رهي آهي هن چيو ته تمام جلد هتي جي ماڻهن جي مطالبي تحت لاڙ ڪيمپس کي يونيورسٽيءَ جو درجو ڏنو ويندو هن چيو ته ٿيليسيميا جي خاتمي واري عالمي ڏهاڙي تي سڀ گڏجي اهو وچن ڪريون ته هر ماڻهو ٿيليسيميا جي خاتمي لاءِ پنهنجي حصي جي جدوجهد جاري رکندو ڊائريڪٽر گمبٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنس خيرپور ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي چيو ته بدين جي ماڻهن لاءِ انتهائي خوشي جي ڳالهه آهي جو بدين ۾ ڊاڪٽر محمد هارون ميمڻ جي ڪوششن سان فزيوٿراپي جو يونٽ قائم ڪيو ويو آهي هن چيو ته ليور ٽرانسپلانٽيشن، بون ميرو يا دل جو بائي پاس آپريشن هجي هر آپريشن کان پوءِ فزيوٿراپي جي ضرورت پوي ٿي هر ضلعي يا تعلقي ۾ هڪ فزيوٿراپي سينٽر لازمي هجڻ گهرجي هن چيو ڊاڪٽر هارون ميمڻ جي محنت جي ڪري ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر بدين پوري ملڪ ۾ پنهنجي الڳ سڃاڻپ ٺاهي آهي ميجر جنرل رٽائرڊ صهيب احمد ۽ برگيڊيئر رٽائرڊ نزهت مشاهد حسين پڻ سيمينار کي وڊيو لنڪ ذريعي خطاب ڪيو هن چيو ته پاڪستان ۾ هر سال 7 هزار ٻارڙا ٿيليسيميا ميجر بيماري سان پيدا ٿين ٿا هي بيماري ٻار ۾ ان جي ماءُ ۽ پيءُ کان منتقل ٿئي ٿي هن کان بچاءَ جو واحد حل شادي کان اڳ مرد ۽ عورت جو هيموگلوبن اليڪٽرو فوريسس ٽيسٽ لازمي ڪيو وڃي هنن چيو ته ٿيليسيميا ميجر جي هڪ ٻار تي تقريبن سالانه 9 لک روپيا خرچ اچي ٿو سيمينار ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر نجيب الرحمان جمالي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر شير محمد نهڙيو انفارميشن آفيسر عرفان علي جوڻيجو انفارميشن آفيسر سرفراز سمون صدر سوسائٽي فار ڪيئر آف ٿيليسيميا ڊاڪٽر محبوب خواجه جنرل سيڪريٽري سوسائٽي فار ڪيئر آف ٿيليسيميا عبدالرشد آرائين ڊاڪٽر طفيل احمد چانڊيو ڊاڪٽر گلاب ڪشميري ڊاڪٽر جبران ميمڻ مختيارڪار محمد عمر ميمڻ سميت شهر جي معزز شخصيتن پڻ شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 27

ڪيو هو پر ڪجهه نيڪ مردن وچ ۾ اچي قرآن پاڪ تي مونکان ڳالهين ذريعي گهر واري واپس ڪرايي ۽ چيوت توکي ڪجهه ڏينهن ۾ گهر واري رکستي ڪري ڏينداسين جنهن کان بعد مونکي منهنجي گهر واري واپس ن ڪري ڏني ويي آهي هاڻي ڇوڪري جو ڀاءُ زاهد چنو جيڪو مورو ٿاڻي تي پوليس ڪانسٽيبل پڻ آهي روز مونکي پوليس جو جواز ڄاڻائي حراسا ڪري رهيو آهي ۽ نامعلوم ماڻهن کان موتمار ڌمڪيون پڻ ڏيارائي رهيو آهي هن وڌيڪ صحافين اڳيان ڌانهيندي چيو آهي ت اگر مونکي ۽ منهنجي گهر وارن کي ڪجهه ب ٿيو ت ان جو ذميوار زاهد چنو هوندو هن وس وارن قانوني ادارن چيف جسٽس آف سپريم ڪورٽ چيف جسٽس آف سنڌ هاءِ ڪورٽ سيشن ڪورٽ نوشهرو فيروز آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ايس ايس پي نوشهرو فيروز عبدالقيوم پتافي ڊي ايس پي مورو امداد سولنگي ايس ايچ او مورو علي اڪبر ڪوکر کان مطالبو ڪندي چيو آهي ت مونسان انصاف ڪيو وڃي ۽ منهنجي زاهد چنو مان جان ڇڏائي وڃي.

بقايا سنڌيار 28

خدمت ڪن سردار صفدر علي خان مليائي جون ميڊيا سان ڳالهيون تفصيل موجب گذريل ڏينهن دايا برادري جي چيف سردار سردار صفدر علي خان مليائي گهوٽڪي ضلعي جي مختلف شهرن جو دورو ڪرڻ دوران گهوٽڪي ۾ رئيس علي اڪبر دايو اياز لطيف دايو وٽ پهچي تعزيت ڪئي جتان ميرپور ماٿيلو پهچي ياسين دايو جي تڏي تي پهچي گهر واري جي وفات تي تعزيت ڪئي جتان سردار صفدر علي خان مليائي ڏهرڪي روانو ٿي ويو جتي دايو برادري جي معزز شخصيت الله وسايو دايو سان ڀاءُ جي وفات تي تعزيت ڪرڻ سان گڏو گڏ نوجوان دايا اتحاد واٽسيپ گروپ جي ايڊمن اسد جبار دايو جي والد مرحوم امام الدين دايو جي وفات تي تڏي تي پهچي دعاءِ مغفرت گهري جتان چيف سردار صفدر علي خان مليائي اوباڙو ۽ ٻين شهرن جو دورو ڪري برادي سان مختلف معاملن تي ڳالهيون ڪيون ان سلسلي ۾ سردار صفدر علي خان جو چوڻ هو ته هو هميشه برادري جي ڏک ۾ گڏ رهيو آهي ۽ پنهنجي برادري فلاح و بهبود لاءِ جدوجهد ڪئي آهي جيڪو سلسلو جاري رهندو هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته اسان کي پنهنجن ٻارڙن مستقبل جي معمارن جي تعليم تربيت تي خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي جيئن هو اڳتي هلي سٺين پوسٽن تي پهچي عوام ۽ قوم جي خدمت ڪن ان موقعي تي بي اي اختيار احمد دايو سينئر صحافي محبوب علي دايو دايا اتحاد ڏهرڪي جو صدر شاهد حسين دايو نائب صدر عارف علي دايو سينئر نائب صدر غلام نبي دايو عبدالجبار دايو نعيم الله دايو صحافي نديم علي دايو ساٿس گڏ هئا

بقايا سنڌيار 29

علي جلباڻي، لاڙڪاڻي سينئر نائب صدر سڪندر مغيري، سوشل ورڪر حبيب سنڌي، بي ٽي آءِ اڳواڻ عبدالستار سومرو، ڪامريڊ علي رضا عارباڻي، ڪامريڊ انصار علي چنه سوشل ورڪر اشفاق سهاڳ، مظهر قادري ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ريلي شهر جي مختلف رستن کان ٿيندي رتوديرو نيشنل پريس ڪلب پهتي جتي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هن واقعي جي جيتري به مذمت ڪجي اها گهٽ آهي پوليس وارا ٻڪري ۽ موٽرسائيڪل چور کي ته هاف فرائي ڪن ٿا پر معصوم نينگرين جي عظمت کي تار تار ڪندڙ وحشي درندن کي سزا نٿا ڏين پوليس شفاف انڪوائري ڪري ايس ايچ او رتوديرو جي ڪاروائي مشڪوڪ آهي هڪ جٽي کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪري چپ ڪري ويهڻ افسوس ناڪ عمل آهي هنن اعلى اختيارين کان مطالبو ڪيو ته واقعي ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪري سخت کان سخت سزا ڏياري نياڻي کي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 30

ناري عليزا ڏي محمد لقمان ٻانڀڻ پنهنجي سس عالمخاتون سان گڏجي احتجاجي مظاهرو ڪندي ڌانهيندي چيو ت سندس هڪ هفتو اڳ گهوٽڪي پرسان ڳوٺ امام بخش گبول جي رهواسي نثار گبول سان گهوٽڪي جي عدالت ۾ پسند جو پرڻو ڪيو هو جنهن کان پوءِ ناري جا وارث جان جا دشمن بڻجي ويا آهن ،ناري ڌنهيو ت سندس وارث نثار گبول ۽ ان جي مائٽن خلاف هالاڻي ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرايو ويو آهي ،ان کان پوءِ پوليس رڻ ٻاري ڏنو آهي ،هنن الزام هنيوت خانپور مهر پوليس ايس ايچ او اصغر اعوان جي اڳواڻي ۾ چڙهائي ڪري نوجوان نثار گبول کي کنيي ٽن ڏينهن کان گم ڪري ڇڏيو آهي،مظاهرين وس وارين اعلي اختيارن کان گهر ڪئي ت معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 31

ڪئي اسپتال انتظاميه ضلعي انتظاميا مرف اين جي اوز ۽ ريسڪيو ايمبولينس سروس 1122 جي عملي خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي احتجاجي ريلي جي اڳواڻي عزيز سرواڻ جاويد لطيف ميمڻ . پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ اڳواڻ اقبال خاصخيلي ٺٽي جي اڳواڻن سيد امجد شاهه. هوش محمد عباسي . مراد ساٿي . يوٿ ونگ اڳواڻن سيد شهمير شاهه.ارسلان شيخ . ايس ٽي پي ضلعي ٺٽي جي صدر سيد جلال شاهه قومي عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي جي صدر شبير پٽي _ لاڙ عوامي فورم جي حيدر شورو _سنڌ ڪلچرل فورم جي چيئرمين صادق لاکو. ملاح اڳواڻن ڏاڏا آدم گندرو. جسر جي وائس چيئرمين سيد نواز شاهه پاڏائي. سيد جاويد شاهه وڪيل اڳواڻن ايڊووڪيٽ قربان هالو . ايڊووڪيٽ علي حسن ملاح. امجد شورو ايڊووڪيٽ راڻي پٽو ياسر جاکرو_ اياز لاشاري حيدر جوڻيو _ ممتاز سميجو. پيرل پياسي . ساجد شيخ. عزير پٽو ڪئي جڏهن ته شهرين جي هڪ وڏي انگ سميت سوين ماڻهن ريلي ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته اصغر ملاح جي خون جا ذميوار هيلٿ منسٽر مرف اين جي اوز شيخ زيد اسپتال انتظاميه ۽ ريسڪيو ايمبولينس سروس وارا آهن سنڌ حڪومت جي نااهلي سبب سنڌ ۾ صحت جون سهولتون اٿلپ آهن اسپتالون اين جي اوز جي حوالي ڪري ڇڏيون آهن ايمبولينس سروس به نالي ماتر ڪم ڪري رهي آهي تنهن ڪري هر روز انساني جانيون ضايع ٿي رهيون آهن صحت جون سهولتون اڻ پوريون هئڻ ڪري اصغر ملاح جهڙا معصوم تڙپي تڙپي فوت ٿين ٿا جڏهن کان سنڌ حڪومت اسپتالون مرف اين جي اوز جي حوالي ڪيون آهن تڏهن کان انساني جانيون ضايع ٿي رهيون آهن جنهن جو تازو مثال معصوم اصغر ملاح پڻ آهي جنهن کي نانگ ڏنگي وڌو ته ان کي وارثن شيخ زيد اسپتال ساڪرو پهچايو جتي موجود ڊاڪٽرن سندس علاج نه ڪيو ۽ اسپتال ۾ سيرون موجود نه هيون معصوم اصغر ملاح جي وارثن کي ڪراچي رفر ڪرڻ جو ليٽر جاري ڪيو وارثن ايمرجنسي ۾ ريسڪيو ايمبولينس سروس 1122 سان رابطو ڪيو پر ايمبولينس وقت تي نه پهتي وارث پرائيويٽ گاڏي ۾ کڻي ڪراچي وڃي رهيا هئا پر نينگر رستي ۾ تڙپي تڙپي فوت ٿي ويو احتجاج ڪندڙن سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس سيشن جج ٺٽو سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته فورن معصوم نينگر اصغر ملاح جي جوڊيشل انڪوائري ڪرائي وڃي ۽ ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري ڪيس داخل ڪيو وڃي ۽ وارثن سان انصاف ڪيو وڃي هوڏانهن ساڪرو ۾ پيش آيل واقعي خلاف ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن ٺٽو پاران احتجاجي طور عدالتي ڪارروائين جو بائيڪاٽ ڪيو ويو ٻئي پاسي ٿيل احتجاج کان پوءِ صحت کاتي جي هيلٿ منسٽر واقعي جو نوٽيس وٺي ڇڏيو آهي ۽ انڪوائري ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي

بقايا سنڌيار 32

اسان جمهوريت پسند ماڻهو آهيون مشاورت تي يقين رکون ٿا ايندڙ عام چونڊن ۾ ڀرپور طريقي سان حصو ورتو ويندو هڪ نئين منشور کي کڻي عوام وٽ وينداسين اظهر جميل کي صدر ۽ الاهي بخش انيل پٽي کي شريڪ چيئرمين ٽئرر ڪيو ويو آهي اسان جو منشور عوامي خدمت ڪرڻ آهي جنهن کي نظر ۾ رکندي ميدان ۾ لٿا آهيون استقلال جماعت ٺاهڻ وقت وڏا وڏا نالا شامل هئا هن ملڪ جي وڏي بدقسمتي اها آهي ته هتي عوام جي راءِ جو احترام ناهي ڪيو ويندو اسان انهن زميني فرعونن هميشه پنهنجي حاڪميت قائم رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي اسان 98 سيڪڙو عوام جي نمائندگي ڪرڻ لاءِ نڪتا آهيون هن چيو ته طاقتور طبقو ملڪ تي قابض ٿيل آهي جن کان جان ڇڏائڻي پوندي هر ڪم لاءِ جدوجهد ڪرڻ شرط آهي اسين پنجونجاهه سالن کان عوام جي حقن لاءِ آواز اٿاريو آهي هتي هندو ، عيسائي ، سک , ٻڌ ۽ مسلمانن کي برابر جا حق مليل آهن مذهب ، علائقي، زبان ۽ فرقيواريت جي نالي تي عوام کي ورهايو پيو وڃي جنهن جي ڀرپور مذمت ڪندي اسان سڀ هڪ آهيون هن ملڪ جي بالادستي لاءِ ڪم ڪرڻو هن چيو ته 1974 ۾ منهنجي ميڊيڪل رپورٽ ۾ منهنجي جسم تي پنجاهه کان وڌيڪ نشان هئا هن چيو ته 1958 کان هن مهل تائين هن ملڪ ۾ جمهوريت ناهي آهي اڳوڻو چيف جسٽس افتخار محمد چودري جهڙا ماڻهو ملڪ جي آئين جي تشريح ڪري ٻڌائيندا آهن پر ان تي عمل ناهن ڪندا موجوده وزير اعظم ديانتدار ناهي هو هڪ سمجهوتي تحت آيو آهي اسان ايوب خان کان وٺي هن مهل تائين ڪافي جرنيلن ۽ جمهوريت جي لباس ۾ ويڙهيل ماڻهن کي برداشت ڪيو آهي هن چيو ته جيسيتائين ملڪ ۾ آئين جي بالادستي، پارليامينٽ جو قدر ۽ عدالتن جو احترام نه ٿيندو تيسيتائين عوام جي حق حڪمراني قائم نه ٿيندي هن چيو ته اسان جي پاڙيسري ملڪ ڀارت ۾ آئين ۽ قانون جو راڄ قائم آهي ته پوءِ هتي ڇو ناهي هن چيو ته هنن ملڪ کي پاڻ ٽوڙيو آهي اسان عوام جي آزادي لاءِ جدوجهد لاءِ نڪتا آهيون اڇي رنگ جي انگريزن مان جان ڇٽي آهي پر هنن مان جان آجي ناهي ٿي اسان اڄ به غلامي جي زنجيرن ۾ جڪڙيل آهيون جنهن مان ڇوٽڪاري جو وقت اچي ويو آهي3

بقايا سنڌيار 33

وڪيلن صحافين تقريب ۾ شرڪت ڪئي سالگره جي تقريب ڪوناٽي وٽي جنهن ۾ علائقي جي سياسي سماجي اڳواڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي شرڪت ڪندڙ ۾ شامل سيد منور علي شاهه فقير ننظر چانڊيو نوريز خان ٽنيو شير محمد ڪورائي ديدار بليدي جاني ميمڻ اشفاق احمد ذوالفقار سيال ۽ ٻين دوستن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڪوناٽيل تقريب کي خطاب ڪندي منور علي شاهه چيو ته بيدار منظور هڪ بهترين انسان دوست شخصيت آهي هن پنهنجي وت آهر غريبن مسڪينن مارئڙن جي خدمت ڪرڻ جو جذبو رکندڙ انسان آهي برسات متاثرن جي جي لاءِ رات ڏينهن جدوجهد ڪئي بيدار منظور پنهنجي برادري جي پليٽ فارم تان هر وقت مظلوم ماڻهن جي خدمت ڪرڻ لاءِ ڀهري صف ۾ ڪم ڪري ٿو بيدار منظور مهمان نواز آهي ڪراچي جهڙي شهر ۾ پنهنجي ماروئن جو آواز ۽ پر جهلو آهي ان موقعي تي آيل دوستن آخر ۾ ڪيڪ ڪاٽيو

بقايا سنڌيار 34

ڪيو هو پر ڪجهه نيڪ مردن وچ ۾ اچي قرآن پاڪ تي مونکان ڳالهين ذريعي گهر واري واپس ڪرايي ۽ چيوت توکي ڪجهه ڏينهن ۾ گهر واري رکستي ڪري ڏينداسين جنهن کان بعد مونکي منهنجي گهر واري واپس ن ڪري ڏني ويي آهي هاڻي ڇوڪري جو ڀاءُ زاهد چنو جيڪو مورو ٿاڻي تي پوليس ڪانسٽيبل پڻ آهي روز مونکي پوليس جو جواز ڄاڻائي حراسا ڪري رهيو آهي ۽ نامعلوم ماڻهن کان موتمار ڌمڪيون پڻ ڏيارائي رهيو آهي هن وڌيڪ صحافين اڳيان ڌانهيندي چيو آهي ت اگر مونکي ۽ منهنجي گهر وارن کي ڪجهه ب ٿيو ت ان جو ذميوار زاهد چنو هوندو هن وس وارن قانوني ادارن چيف جسٽس آف سپريم ڪورٽ چيف جسٽس آف سنڌ هاءِ ڪورٽ سيشن ڪورٽ نوشهرو فيروز آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ايس ايس پي نوشهرو فيروز عبدالقيوم پتافي ڊي ايس پي مورو امداد سولنگي ايس ايچ او مورو علي اڪبر ڪوکر کان مطالبو ڪندي چيو آهي ت مونسان انصاف ڪيو وڃي ۽ منهنجي زاهد چنو مان جان ڇڏائي وڃي.

بقايا سنڌيار 35

لاءِ احتجاج هائيڪورٽ جي چيف جسٽس کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو خبر موجب ميرواهه ڪئنال مان نڪرندڙ شاهنواز واهه جي ڇيڙي ۾ آبپاشي کاتي جي آفيسرن ۽ منڊ جي بااثر آبادگارن جي ڳٺ جوڙ سبب پاڻي ن پهچي سگهيو آهي منڊ جا آبادگار آبپاشي کاتي جي آفيسرن سان ڏنو پٽ چٽي واري اصول تحت ڳٺ جوڙ ڪري واهه مان نڪرندڙ شاخن واٽر ڪورسن جا فريم ٽوڙائي ونجيون ۽ پائيپ هڻي ڇيڙي جي آبادگارن جي پاڻي واري حق تي ڌاڙو هڻي رهيا آهن برسات ۽ سيلابي صورتحال سبب تيار ٿيل فصل تباهه ڪري اٺ مهينا گهرن کان بي گهر ٿيل آبادگار پريشاني ۾ مبتلا ٿي ويا آهن ڇيڙي جي آبادگارن پاڻي چوري ۽ ڇيڙي ۾ پاڻي ن پهچڻ خلاف سلامت علي ٽالپر عبدالغفور ٽالپر غلام شبير خاصخيلي جنسار خواجه لعل بخش خواجه ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ شاهنواز واهه جي ڇيڙي تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي هنن صحافين اڳيان ڌانهيندي چيو ت برسات ۽ سيلاب دوران منڊ جي آبادگارن زمينن ۽ ڳوٺن جو پاڻي شاهنواز واهه ۾ نيڪال ڪري اسان جا فصل ۽ زمينون تباهه ڪرڻ سان گڏ اٺ مهينا گهرن کان بي گهر ڪيو هينئر وري پاڻي بند ڪري اسان جون زمينون بنجر ڪرڻ سان گڏ بک ۽ بدحالي جي ور چاڙهڻ گهرن ٿا ان موقعي تي هنن سنڌ هائيڪورٽ جي چيف جسٽس کان فوري نوٽيس وٺي شاهنواز جي وزٽ ڪنهن جج کان ڪرائي واهه تي لڳل غيرقانوني ڪٽ ونجيون پائيپ جلائي مائينر جو ٽڪا شاخ قناصره شاخ سميت ٽنل واٽر ڪورسن کي مقرر ڊزائين تحت تعمير ڪرائي ڇيڙي ۾ پاڻي پهچائي پاڻي چوري ۾ ملوث آبپاشي عملي خلاف ڪاروائي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو

بقايا سنڌيار 36

ڪٺي سوپارو ٿي ويو جڏهن ته پ پ اميدوار چيف احمد علي ملڪ 2212 ووٽ کڻي هارائي ويو آزاد اميدوار عبدالجبار سميجو 187 ووٽن جي ليڊ سان پ پ اميدوار چيف احمد علي ملڪ کي هارائي وائيس چيئرمين جي اليڪشن ۾ سوپارو ٿي ويو. گڏ ڪيل ڄاڻ موجب بوائز پرائمري سنڌي اسڪول جي پولنگ تي آزاد اميدوار 71 ۽ پ پ اميدوار 195 ووٽ کنيا. ڄام محمد علي لکڻ جي پولنگ تي آزاد اميدوار 202 ووٽ کنيا ۽ پ پ اميدوار 282 ووٽ کنيا. گرلس اسڪول عمرڏهو تي آزاد اميدوار 123 ووٽ کنيا پ پ اميدوار 244 ووٽ کڻي سگهيو. عمرڏهو پولنگ تي آزاد اميدوار 231 ووٽ کنيا ۽ پ پ اميدوار 207 ووٽ کنيا. پراڻي سرحد ۾ آزاد اميدوار 98 ووٽ کنيا ۽ پ پ اميدوار 208 ووٽ کنيا. هاسيجا مهر جي پولنگ تي آزاد اميدوار 694 ووٽ کنيا ۽ پ پ اميدوار 234 ووٽ کنيا. جهانپور مان آزاد اميدوار 296 ووٽ کنيا ۽ پ پ اميدوار 80 ووٽ کنيا. غير حتمي ۽ غير سرڪاري نتيجن موجب مڙني پولنگ اسٽيشنن تان آزاد اميدوار عبدالجبار سميجو 2399 ووٽ کڻي سوپارو ٿي ويو ۽ جڏهن ته پ پ اميدوار چيف احمد علي ملڪ 2212 ووٽ کڻي 187 ووٽن جي ليڊ تي هارائي ويو. جڏهن ته پولنگ جو عمل صبح 8 بجي کان شام جو 5 بجي تائين بنا وقفي جي جاري رهيو. سيني پولنگ اسٽيشنن تي ڪا به بدنظمي نه ٿي، امن امان سان پولنگ جو عمل جاري رهيو ۽ ڪو به اڻ وڻندڙ واقعو پيش نه آيو اليڪشن جي غير حتمي ۽ غير سرڪاري نتيجن جي اعلان بعد مهر گروپ جي ماڻهن پاران چيئرمين نورحسن ملڪ. ۽ ضلعي ڪائونسل جي ميمبر عبدالحفيظ مهر جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي، مختلف ماڻهن پاران ڪامياب اميدوار کي مبارڪون پڻ ڏنيون ويون

بقايا سنڌيار 37

ميمڻ فزيوٿراپي يونٽ لاءِ 5 لک روپيا ڏيڻ جو پڻ اعلان ڪيو ٿيليسيميا کان بچاءَ واري عالمي ڏينهن جي موقعي تي ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد بلال احمد ميمڻ، ڊائريڪٽر گمبٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنس خيرپور ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي انچارج ٿيليسيميا سينٽر بدين ڊاڪٽر هارون ميمڻ ۽ ٻين آفيسرن جي اڳواڻي ۾ آگاهي ريلي پڻ ڪڍي وئي. ريلي کان پوءِ ٿيليسيميا کان بچاءَ لاءِ آگاهي سيمينار کي خطاب ڪندي ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد بلال احمد ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت صحت جي شعبي ۾ مثالي ڪم ڪيا آهن ٿيليسيميا ميجر بيماري تي به حڪومت سنڌ ڪم ڪري پئي هن چيو ته نوجوان نسل کي ٿيليسيميا جي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ تعليمي نصاب ۾ سبق شامل ڪيا وڃن ته بهتر ٿيندو هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت صحت سان گڏ تعليم جي بهتري لاءِ پڻ ڪوششون وٺي رهي آهي هن چيو ته تمام جلد هتي جي ماڻهن جي مطالبي تحت لاڙ ڪيمپس کي يونيورسٽيءَ جو درجو ڏنو ويندو هن چيو ته ٿيليسيميا جي خاتمي واري عالمي ڏهاڙي تي سڀ گڏجي اهو وچن ڪريون ته هر ماڻهو ٿيليسيميا جي خاتمي لاءِ پنهنجي حصي جي جدوجهد جاري رکندو ڊائريڪٽر گمبٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنس خيرپور ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي چيو ته بدين جي ماڻهن لاءِ انتهائي خوشي جي ڳالهه آهي جو بدين ۾ ڊاڪٽر محمد هارون ميمڻ جي ڪوششن سان فزيوٿراپي جو يونٽ قائم ڪيو ويو آهي هن چيو ته ليور ٽرانسپلانٽيشن، بون ميرو يا دل جو بائي پاس آپريشن هجي هر آپريشن کان پوءِ فزيوٿراپي جي ضرورت پوي ٿي هر ضلعي يا تعلقي ۾ هڪ فزيوٿراپي سينٽر لازمي هجڻ گهرجي هن چيو ڊاڪٽر هارون ميمڻ جي محنت جي ڪري ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر بدين پوري ملڪ ۾ پنهنجي الڳ سڃاڻپ ٺاهي آهي ميجر جنرل رٽائرڊ صهيب احمد ۽ برگيڊيئر رٽائرڊ نزهت مشاهد حسين پڻ سيمينار کي وڊيو لنڪ ذريعي خطاب ڪيو هن چيو ته پاڪستان ۾ هر سال 7 هزار ٻارڙا ٿيليسيميا ميجر بيماري سان پيدا ٿين ٿا هي بيماري ٻار ۾ ان جي ماءُ ۽ پيءُ کان منتقل ٿئي ٿي هن کان بچاءَ جو واحد حل شادي کان اڳ مرد ۽ عورت جو هيموگلوبن اليڪٽرو فوريسس ٽيسٽ لازمي ڪيو وڃي هنن چيو ته ٿيليسيميا ميجر جي هڪ ٻار تي تقريبن سالانه 9 لک روپيا خرچ اچي ٿو سيمينار ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر نجيب الرحمان جمالي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر شير محمد نهڙيو انفارميشن آفيسر عرفان علي جوڻيجو انفارميشن آفيسر سرفراز سمون صدر سوسائٽي فار ڪيئر آف ٿيليسيميا ڊاڪٽر محبوب خواجه جنرل سيڪريٽري سوسائٽي فار ڪيئر آف ٿيليسيميا عبدالرشد آرائين ڊاڪٽر طفيل احمد چانڊيو ڊاڪٽر گلاب ڪشميري ڊاڪٽر جبران ميمڻ مختيارڪار محمد عمر ميمڻ سميت شهر جي معزز شخصيتن پڻ شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 38

ٽيڪنيڪل اسٽاف 600 کان وڌيڪ مريضن جو چيڪ اپ ۽ مليريا جون ٽيسٽون ڪري مفت دوائون ڏنيون ويون ان موقعي تي ڪئمپ جي اڳواڻ محمد افضل جمالي سماجي اڳواڻن اعجاز ممنائي فيروز علي ميمڻ، گل حيدر لاڙڪ. صابر حسين ميمڻ ۽ ٻين چيو ته اسان جو علائقو ڳچ عرصو پاڻي هيٺ رهيو جنهن ڪري گندگي ٿي وئي آهي ۽ اڪثر ماڻهو مڇرن جي چڪ سبب مليريا ۽ ٻين وبائي مرضن ۾ ورتل آهن انڪري هن تنظيم جي تعاون سان مفت ميڊيڪل ڪئمپون لڳائڻ جو سلسلو شروع ڪيو آهي اڳواڻن چيو ته اسانجي ٽيم بناڪنهن ذات پات ۽ رنگ نسل جي برسات متاثر علائقن ۾ ميڊيڪل ڪيمپون لڳائي بي پهچ ماڻهن کي صحت جون سهولتون ڏئي رهي آهي اهو سلسلو سموري ضلعي اندر جاري رهندو

بقايا سنڌيار 39

تيار ڪرڻ، صوبي پاران مليل ترجيحات تي عمل درآمد لاءِ لائحه عمل ۽ برانچز ۾ ضلعي عهديدارن جي وزٽ جو شيڊول تيار ڪيو ويو ان موقعي تي جنرل سيڪريٽري غلام نبي ميمڻ طاهري اهم نقاط کي سيني عهديدارن جي اڳيان تفصيل سان بيان ڪيو ۽ سيني عهديدارن جي متفق راءِ سان فيصلا ڪيا ويا آخر ۾ دعائيه ڪلمات پروفيسر خليفة نعمت الله قريشي طاهري فرمايا.